# سنڌي ورجيسي ٻولي

پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي



روشني

C.S.S، P.C.S، M.A سنڌي ۽ ڇنڊڇاڻ جي امتحانن لاءِ تيار ڪيل

سنڌي ٻوليءَ بر منفرد ڪتاب

# سنڌي ورجيسي ٻولي

(پهاڪن ۽ محاورن جو موضوع وار تشريحي خزانو)

M.A ،P.C.S ،C.S.S سنڌي ۽ چٽاڀيٽيءَ جي امتحان لاءِ تيار ڪيل
سنڌي ٻوليءَ بر منفرد ڪتاب

# سنڌي ورجيسي ٻولي

(پهاڪن ۽ محاورن جو موضوع وار تشريحي خزانو)

پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

Roshni Book No. 118

---


سنڌي ورجيسي ٻولي

ليکڪ: پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

ڇاپو پهريون: © 1997ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ محمد اسماعيل سومرو

نيو سنڌ ٽيڪ ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو


***SINDHI VERJISI BOLI***

(Sindhi Proverbial Sayings and Proverbial Language)

by: Prof: Dr. Shamsuddin Ursani


Composed by: Habib Qadir Qureshi & Mohd. Ismail Soomro

Printed by: Fine Communication Hyderabad.

Published by: Roshni Publication Kandiaro

First Edition © 1997

انتساب

منهنجي

پٽن ۽ ڌيئرن

ڏانهن

# فهرست

سنڌي ورجيسي ٻولي (پيش لفظ) پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرسائي 13

**باب پھريون**

**ٻهاڪن جي ماهيت ۽ ترڪيب** 16

**باب ٻيون**

**ٻهاڪا ۽ انهن جو مفهوم**

1. نالو- ذات - لقب 25
2. ماڻهو، مرد، عورت، مڙس 31
3. مٽ مائٽ، برادري، سڳابندي 34
4. ماڻهوءَ جي عضون ۽ عيبداريءَ بابت 41
5. هنرمند ۽ ڌنڌي وارا 53
6. وزير - بادشاهه - راجا - راڻي 55
7. ساڌو - پڻنج - جوڳي ۽ واڻيو 56
8. چريا - فقير - قلندري - درويش 58
9. چور - ٺڳ 60
10. جٽ - ملا ۽ قاضي 63
11. مهمان - دوست - دشمن 64
12. رن - دائي 67
13. دنيا - گهر - وقت - مدت 68
14. گهر جي ڪار ڪرت - رڌ پچاءُ ۽ ڌانوَ 70
15. بندو - من - دل - روح - نيت 76
16. مشيعت ايزدي - قسمت - عمل 78

17. موت - شيطان ۽ غيبات 81
18. زور - عقل - مورک 83
19. سچ - ڪوڙ 84
20. مينهن - ڍڳو - ياڻ 85
21. اَٽ 87
22. هاٿي - گهوڙو - گڏهه 91
23. ڪتو - ٻلي 95
24. شينهن - گدڙ 100
25. ٻڪري - رڍ - هرڻي 102
26. ڪانگ 104
27. جانور - پکي - جيت 105
28. زمين - فصل - اناج ۽ جهنگ 109
29. وڻ - ڪک - مٽي - گل 111
30. ڀاڄيون - مسالا - اٽو 113
31. کير ۽ ميوو 114
32. پاڻي - دريا ۽ ٻين وسيلن بابت 116
33. سج - چنڊ ۽ ڏيٺو 120
34. انگ ۽ ناڻو 121
35. جدا جدا وٿون 126
36. مشاهدا ۽ تجربا 128
37. نصيحت 133
38. محاورا 136
39. گفتارون 140
40. ڪجهه سنڌي ۽ اردو هم معنيٰ پهاڪا 153
41. سنڌي ٻوليءَ ۾ مشتعمل ڪجهه انگريزي پهاڪا 157
42. انگريزي ۽ سنڌيءَ جا هم معنيٰ پهاڪا 159

# سنڌي ورجيسي ٻولي

## پيش لفظ

ورجيس جي علمي معنيٰ محاورو يا اصطلاح آهي. اهڙيءَ طرح ورجيسي ٻوليءَ جي معنيٰ آهي محاوراتي ٻولي. لغت جي روءِ کان ورجيس لفظ جي معنيٰ آهي لباس پهريل ٻولي، ٺاهه ٺوهه واري ٻولي يا وري سينگاريل زبان. ڳالهه ٻولهه ۽ بيان ۾ هرڪو انسان پنهنجي مدعا کي مؤثر طور ادا ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي ٺاهي جوڙي استعمال ڪندو آهي. ان ڪري ورجيسي ٻولي اُها آهي جيڪا عام ماڻهو پنهنجي ماحول ۽ آسپاس جي مشاهدي ۽ آزمودي جي بناءِ تي ٺاهين جوڙين ۽ سينگارين ٿا. مگر اهو سارو عمل بي ساخته آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به ذهني مشقت جو عنصر نه هئڻ جي برابر هوندو آهي. اهڙي ٻوليءَ جي وجود ۾ ماڻهن جي فطرت ۽ روش جو دخل هوندو آهي ۽ ان مان ڪنهن قوم جي نفسياتي مزاج جي عڪاسي ٿيندي آهي.

ورجيسي ٻوليءَ جا ڪيترائي نمونا ٿين ٿا. مثلاً پهاڪا، محاورا، اصطلاح ۽ ٻيون ڪي جزاوتون ان سان شامل آهن. پر هي ڪتاب فقط پهاڪن تي مشتمل رکيو ويو آهي.

سنڌي زبان ۾ هن کان اڳ، ڪيترن قابل مصنفن، ان قسم جا ڪتاب لکيا آهن، جيڪي گذريل دورن ۾ ڇپجي ادبي ميدان تي ظاهر ٿيا. ليڪن انهن ۾ پهاڪن جي اصليت ۽ بنياد جي گهٽي قدر اُپٽار ٿيل هئي، ۽ خاص ڪري موضوع جي واقعاتي پس منظر کي زياده پيش نظر رکيو ويو هو، تنهن ڪري گهڻي وقت کان اهڙي ڪتاب جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي، جنهن ۾ صرف پهاڪي جو مطلب ۽ مفهوم مختصر ۽ آسان لفظن ۾ سمجهايو ويو هجي ۽ جيڪو ترت استفادي لاءِ ڪارائتو بنجي سگهي.

موجوده دور ۾ رسمون رواج، مادي اسباب توڙي ٻيون معاشرتي ڳالهين

۾ ٽڪرين تبديليون اينديون رهن پيون، جن جي نتيجي ۾ پراڻن پهاڪن جو استعمال جيئن پوءِ تيئن گهٽبو وڃي ٿو ۽ هاڻي ته صورت حال اها وڃي رهي آهي، جو ڪيترا مخصوص پهاڪا ته پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن آڏو فقط ڳجهارتون بڻجي رهجي ويا آهن. ان کان سواءِ ڪيترا نوان پهاڪا به وقت ۽ حالتن سارو ماڻهن جي چپن تي چڙهي ويا آهن، جن مان گهڻا ته مختلف ٻولين مان لباس مٽائي اسان جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي هڪ ٿي ويا آهن. انهن سڀني ڳالهين جي تقاضا نئين پهاڪن جي ڪتاب جي وجود ۾ اچڻ جو سبب بڻي، جنهن کي هر لحاظ کان ڪارآمد بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

پهاڪن کان سواءِ ڪن شاعرن ۽ اديبن جون گفتارون به عام چوڻين ۾ شامل ٿي ويون آهن، جن کي گفتگوءَ ۾ روانيءَ سان ڳالهائڻ کانسواءِ تقريرن ۽ تحريرن ۾ آزاديءَ سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. خاص ڪري شاهه لطيف جون ڪلامي سٽون گهڻي قدر مقبول آهن، جن کي مهذبانه اظهار جي هر وسيلي ۾ عام جام ڪتب آندو وڃي ٿو. جتي عام ماڻهو گفتار ذريعي پنهنجي ڳالهه ۾ استدلال پيدا ڪن ٿا، اتي مفڪر ۽ ڏاها ماڻهو وري انهن ئي سٽن کي هلندڙ زماني جي مسئلن ۽ فڪري مونجهارن جي تشريح ڪندي دليل طور ڪم آڻين ٿا. شاگردن کي امتحاني پيپرن ۾ اڪثر اهڙا مضمون لکڻ لاءِ ملندا آهن، جن ۾ اهيئي گفتارون موضوع بڻيل هونديون آهن. مضمون مشاهدي ۽ مطالعي جي زور تي ئي لکڻو پوندو آهي. ليڪن بعض گفتارون شاگردن جي ذهن ۾ مونجهارو پيدا ڪنديون آهن. ڇو ته ڪتابن ۾ هنن جي فقط تصوفانه ۽ روحاني نقطه نگاهه کان تشريح پڙهيل هوندي آهي. مون ڪوشش ڪري انساني مسائل، عام حالات ۽ نئين شعور مطابق انهن جي سمجهاڻي درج ڪئي آهي، جيئن شاگرد کو مڪمل فهم پرائي آسانيءَ سان پنهنجي تخليقي آزمودن کي ظاهر ڪري سگهن.

هن ڪتاب ۾آيل پهاڪن جو ذخيرو منهنجي پنهنجي ڪوشش سان گڏ ٿيل آهي. ڪجھ پهاڪا فقط ياداشت مان ئي قلمبند ڪيا ويا، جيڪي ڪن جهونن بزرگن ۽ پنهنجي وڏڙن کان ٻڌا هوم. ٻيو ته بعض موقعن تي جيڪي پهاڪا ٻڌندو رهندو هوس، ان سلسلي ۾ خاص ڪري دوستن احبابن ۽ مٽن مائٽن سان معمول مطابق ٿيندڙ رهاڻين مان فائدو حاصل ڪندو رهيس. انهيءَ

ڪان سواءِ ڪتابن ۽ رسالن پڙهڻ وقت، جيڪي نوان پهاڪا نظر تي چڙهيا تي سي به نوٽبڪ ۾ لکندو رهيس. اهڙيءَ طرح اڳ ڇپيل پهاڪن وارن ڪتابن تان مدد وٺڻ ڪان ڇاڻي واڻي گريز ڪري سراسر پنهنجي محنت تي ياڙيم، جيئن موجوده تاليف ۾ اصليت قائم رهي سگهي.

بهرحال ڪوشش اهائي ڪئي اٿم ته پڙهندڙ پهاڪي جي اصل مفهوم ۽ موقعي ۽ محل جي لحاظ ڪان ان جي درست استعمال ۽ سماج ۾ ان جي قدر منزلت ڪان بهرور ٿي لطف اندوز ٿي سگهن.

دراصل هن ڪتاب کي انگريزيءَ جي مشهور ڪتاب

(ENGLISH PROVERBS AND PROVERBIAL PHRASES)

(A HISTORICAL DICTIONARY)

جي طرز مطابق ترتيب ڏيڻ جو ارادو هوم، جو G.L.APPERSON جو لکيل آهي. ان ڪتاب ۾ هر انگريزي پهاڪن جو هڪ ٻن سٽن ۾ مطلب تحرير ڪرڻ سان گڏ، سند طور ڪنهن نه ڪنهن نثري ڪتاب مان ننڍڙي عبارت پڻ درج ڪئي وئي آهي مون به ڪيترا سنڌي ڪتاب پڙهي ڪجھ پهاڪن واسطي مثالي اقتباس اتاري رکيا هئا پر عدم فرصت سببان ڪم راس نه ٿي سگهيو. جو ته هڪ ته ڊگهي عرصي ڪان عليل هوس ۽ ٻيو ته وري لکڻ واسطي ڪونه ڪو ڪم هٿ رهندو آهي. ان ڪان علاوه اڻين ڪندي ڪتاب جي ضخامت وڌي وڃڻ جو پڻ انديشو هو. بهرحال جيڪڏهن حياتي ساٿ ڏنو ته ان قسم جي مستند ڪتاب تاليف ڪرڻ جو پڪو ارادو رکان ٿو. جيئن سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لغوي وسيلو وجود ۾ اچي سگهي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

پروفيسر

گورنمنٽ ڊگري ڪاليج

حيدرآباد سنڌ

**باب پهريون**

# پهاڪن جي ماهيت ۽ ترڪيب

'پهاڪو' لفظ جي لغوي معنيٰ آهي تہ "پهہ ڪري يا سوچي سمجهي اُچاريل ٻول." ليڪن اصطلاحي معنيٰ ۾ هڪ عام چوڻيءَ کي پهاڪو چيو ويندو آهي. يعني اهڙو جملو جنهن جو ڪنهن ڳالهہ يا نتيجي واسطي هڪ "مثل" ڪري دهرائڻ ٻوليءَ ۾ عام هجي. ان ڪري عربي زبان ۾ پهاڪي کي چوندائي " ضرب المثال" آهن، يعني تہ ٻوليءَ ۾ رواج پاتل اهڙيون سٽون، جيڪي ٽيڪا يا مثال جي طور تي بيان ٿينديون هجن. انگريزيءَ ۾ بہ پهاڪي کي POPULAR SAYING يا PROVERB يعني تہ "مقبول چوڻي" نالو ڏنو ويو آهي. دراصل دنيا جي هرڪنهن زبان ۾ پهاڪن جو هڪ وڏو ذخيرو هوندو آهي، جنهن کي عام ٻوليءَ جي اثاثو تسليم ڪندي، لغتن ۾ محفوظ ڪرڻ فرض ڪري سمجهيو ويو آهي. ان جي مختصر وصف هيٺينءَ ريت بيان ڪري سگهجي ٿي. عوامي ٻوليءَ جي هر اُها مقبول سادي  مگر مائيدار ڪهاوت جنهن کي ڳالهہ ۾ زور پيدا ڪرڻ يا نڪتي کي نروار ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو، تنهن کي پهاڪو چئجي ٿو. اهو ايتري قدر تہ دلنشن ۽ عام فهم، آهي، جو ڳالهائيندڙ ان کي بي ڌڙڪ استعمال ڪري ٿو ۽ مخاطب دماغ تي ڪنهن زور ڏيڻ سواءِ، ان جو مطلب بہ سمجهي وڃي ٿو. پهاڪو رڳو ڪا رواجي چوڻي ناهي، پر ان کي سخن يا ڳڻ EXPRESSION جي حيثيت حاصل آهي. بيان ۾ مختصر ۽ ننڍڙو هوندي بہ هڪ تہ صاف ۽ کرو ٿئي ٿو ۽ ٻيو تہ منجهس معنيٰ جو اهڙو گوهر سمايل ٿئي ٿو، جنهن ۾ جيئڻ جي ڍنگ بابت ڪونہ ڪو اشارو ڏسيل هوندو آهي.

پهاڪا ڪڏهن کان شروع ٿيا اهڙو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. ٻولين ۾ نظم يا آڪاڻيءَ جو پيوند تڏهن لڳو، جڏهن انسان ذهني طور بلوغت کي

برعڪس پهاڪي جو وجود وڌڻ صرف هڪ اتفاقي امر ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو. تاهم اهو سخنداني ۽ حڪمت کان خالي نه هوندو آهي. پهاڪا ڪنهن به پهڪڻ يا ڏاهي سوچي سمجهي هڪ وقت ۾ ڪونه گهڙيا آهن. اڪثر پهاڪا بنان ڪنهن ڪوشش جي جڙيا ۽ مقبول ٿيا. انهن جي جڙي راس ٿيڻ ۾ صرف انساني فطرت ۽ همگير سماجي نظام دخلڪار رهندو آيو آهي. عموماً ڪن عام حقيقتن يا واقعن تان ڪي ڳُتن پريا ٻول ماڻهن جي چپن تي چڙهيا ۽ پنهنجي اٽل سچائي يا ڏاهپ باعث هر هنڌ مثل بنجي مشهور ٿيا! يا اِئين به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن جهانديد بزرگ عاقل انسان بعضي مسئلي جو تهه سمجهائيندي ڪو ٻولائتو جملو زبان مان ڪڍيو ۽ اهوئي اڳتي هلي خاص معنيٰ جو حامل بنجي ويو ۽ ماڻهن ۾ سخنائتي قول جي حيثيت ۾ رائج ٿي ويو. اچو ته پهاڪن جي گهڙت تي نظر وجهون. مثال طور:

1. سٽلن جا پاڏا ويٺلن جون وڇون!

اهو پهاڪو هيئين واقعي تان زبان زد ٿي، هڪ خاص مفهوم جو حامل بڻيو. چون ٿا ته ڪي چار ڀاڳيا پاڻ ۾ گهاٽا يار هئا. جن ڪي مال جو وڏو وٿاڻ هو. هڪڙي رات جو اتفاق اهڙو ٿيو، جو يڪيون اٺ ڀنارون وينامڻ لڳيون. جن مان هرهڪ اهوئي پئي گهريو سندس مينهون شل وچ جو ڦرُ ڏين. رات گهڻي گذري وئي، هنن مان ٻن ڀاڳين سوچيو ته "مينهن وينامڻ ۾ ته اجا گهڻي دير گهرجي، ان ڪري ڀوئين ڀهر اسر مهل اٺي وري سنڀار ڪنداسون ۽ حال في الحال ڇو نه آرام ڪري وٺون! اهو سوچي لٽ ڪوڙي سمهي پيا. ليڪن ٻه ڄڻا دوست مينهن جي وينامڻ تائين جاڳندا رهيا. آخرڪار سيئي مينهون ويامي چڪيون. ڪن وڇون ڏنيون ته ڪن پاڏا. جاڳيل ڀاڳيا پاڻ ۾ صلاحي ٿيا ۽ مٽاسٽا ڪري وڇون پنهجين مينهن وٽ رکيائون ۽ دوستن جي مينهن آڏو پاڏا! صبح جو ننڊ مان جڏهن ٻن ڄڻن جي اک کلي تڏهن اهڙو لقاءَ ڏسي حيران ٿي ويا ۽ پنهجن دوستن کان پڇڻ لڳا ته "اهو آخر ڪيئن ٿيو، جو اسان جي مينهن ته رڳو پاڏا ڄڻيا ۽ اوهان جي مينهن رڳو وڇون ڄڻيون!" تنهن تي هڪڙي دوست کلي ورندي ڏني ته "ويٺلن جون وڇون سٽلن جا پاڏا! يعني ته "سجاڳ ۽ هوشيار ماڻهو موقعي

جو فائدو تنهن دم وٺندا آهن ۽ سست ۽ غافل ماڻهو رڳو آسروئي ڪندا رهجي ويندا آهن."

2. ڇيڻي سڪ نہ پيئي.

هي پهاڪو خاص طرح سان زناني عالم ۾ رائج آهي. چون ٿا تہ ڇيڻي نالي هڪ واجائي هئي. جنهن کي خبر ناهي تہ حقيقتاً زماني جي صدمن گهٽو جهوريو هو يا فطرتاً زود رنج هئي. ڪنهن خوشيءَ جي ڪاڄ ۾ ايندي هئي، تہ بہ پيئي ٽڏا شوڪارا ڀريندي هئي ۽ ڦري گهري پنهنجي بدنصيبيءَ جو بيان ڪٽي ويهندي هئي. ساڳيءَ طرح ڪيترا ماڻهو بہ هميشه زماني جي گلا ۽ قسمت جي شڪايت ڪندا رهندا آهن ۽ اِسري وِسري بہ سڪ سلامتيءَ جو نالو زبان تي نہ آڻيندا آهن. هاڻي ڪنهن اهڙي ناشڪري عورت کي مايون ڏسن تہ چون تہ: "ويچاري آئي ڇيڻي سڪ نہ پيئي" يا "فلاڻي تہ آهيئي ڇيڻي سڪ نہ پيئي!"

اها ساڳي حقيقت سڀن چوڻين سان لاڳو ٿئي ٿي. دراصل پهاڪي ۾ ذاتي مشاهدو ئي دهرايل آهي. جيڪو تجربي جو نچوڙ هئڻ باعث، وقت گذرڻ سان عام حقيقت ۾ تسليم ٿيڻ لڳو. پهاڪا سماجي وهنوار، گهرو معاملن گروهي ٻنڌڻن، رسمن رواجن، معاشرتي واقعن ۽ حادثن ويندي تاريخي تبديلن ۽ انساني مزاج، خواهشات ۽ معاملات کان سواءِ فطري مظاهرا ۽ هر قسم جي ساهواري تي ٺهيل ملن ٿا. پهاڪي ٺهڻ ۽ پنهنجي معنوي افاديت سان رائج ٿيڻ ۾ ڪجهہ عرصو درڪار رهي ٿو. ڪنهن غير معمولي ڳالهہ تان ڪا چوڻي مشهور ٿئي ٿي ۽ هلندي هلندي مختلف ماڻهن ۾ ورجائڻ سان اها هميشه لاءِ ڪنهن خاص معنيٰ، نڪتي يا سمجهاڻي لاءِ مقرر ٿي وڃي ٿي. بهرحال اهين چوڻ درست آهي تہ پهاڪي جي رائج وقت سڪي بنجڻ ۾ انساني فطرت ۽ آزمودو ٻئي شامل رهن ٿا.

هونئن تہ هر 'مثل' کي عموماً پهاڪو ئي چيو ويندو آهي. پر ڪن ۾ نڪتي جي سمجهاڻيءَ لاءِ علحده واٽ ورتل آهي ۽ خيال جي پذيرائي جي مختلف انداز سبب پهاڪي کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهاڪو هڪ اهڙو مڪمل جملو آهي، جنهن جي بيان ٿيل لفظن ۾ بلڪل هڪ انوکو فهم سمايل هوندو آهي. ظاہري لفظن ۾ جيڪا معنيٰ رکيل هوندي اٿس، اصل

مطلب ان کان بلڪل مختلف هوندو آهي. يعني ته فقط فرضي ڳالهه جي اوٽ تي ئي ڪا حقيقت يا نڪتو پيش ڪيل هوندو آهي. مثلاً

1. اکرين ۾ مٿو وجهبو ته مهرين پر ڪونه ڊڄبو.
2. ڏنيجي ڳڌهه، سور تئي ساتيءَ کي.
3. وڃي شادي شهيد تي ٿورو لونگ فقير تي.
4. سيوهاڻي چريو ته به پتر پنهنجي گهر ڏانهن اڇليندو.

ٻيون وري پهاڪن واريون چوڻيون آهن، جن جي اظهار تيل لفظن توڙي اندروني مطلب ۾ ڪابه ڦير گهير ناهي. يعني ته سڌين سڌي انداز ۾ ڪو مفهوم يا معني دار نڪتو بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ته:

1. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.
2. جيترو قاعدو تيترو فائدو.
3. هڪ تندرستي هزار نعمت آهي.
4. اڄ جو ڪم سڀاڻ تي نه رکجي.
5. وڏو ڇڏيندو ڏيا ته ننڍو ڇڏيندو حيا.

اهڙين چوڻين ۾ ڪنهن فرضي ڳالهه يا رمز کي آڌار بنائڻ بدران صرف هڪ تجربي کي آسان ۽ سادي جملي ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. انهن جي ظاهري بيان ۽ باطني معنيٰ ۾ ڪو به فرق ناهي.

محاورا به چوڻين ۾ ئي شمار ٿين ٿا. جن جي مختصر ترڪيب باعث انهن کي "ننڍڙا پهاڪا" چئي سگهجي ٿو. محاورن ۾ به ساڳيءَ طرح لفظن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، ليڪن حقيقي معنيٰ ٻي ورتي ويندي آهي. مثلاً گونگي گانءِ، انڌ جو ٻنڌ، سهي جي ڪل، ڌٻي ۾ لڪريون، نانيءَ ويڙهو وغيره. محاورو ترڪيبي لحاظ کان نه پورو جملو آهي ۽ نه وري اصطلاحن جيئن مصدر مطابق جملن ۾ ڦيرو کائيندوآهي. تاهم اهو پهاڪن وانگر ئي ٻوليءَ ۾ سالم صورت ۾ ڳالهائبو آهي.

علم و ادب مان وجود پاتل سٽون به پنهنجي همه داني ۽ دلچسپ لب لهجي باعث مقناطيسي اثر واريون ثابت ٿين ٿيون، جيڪي رفته رفته عملي زندگيءَ ۾ بلڪل آزادگيءَ سان استعمال ٿيڻ لڳنديون آهن. ٻولين ۾ اهڙا

جينيس لکندڙ پيدا ٿيندا رهن ٿا. جيڪي پنهنجي وقت جي ساڃاهہ رکڻ ۽ قومي مزاج جا پارکو هئڻ سان گڏ ساڳيءَ وقت تهذيب جا نِبّاج هوندا آهن، جن جون تخليقون مقصد حيات ۽ جهد و بقا ۾ هميشه رهنمائي جو باعث بڻجن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن انهن جا ورقن ۾ لکيل سُتُولا ٻول دلين ۾ لهيو وڃن ۽ ضرب المثال بڻجي زبانن تي جاري رهن ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙين سهڻين سٽن کي گفتارون چوڻ درست ۽ موزون ٿيندو. مثلاً آٿيون ۽ چاڙهيون ڏٿ ڏهاڙي سومرا، ٻاهر زيب زبان سين اندر هچاررو، اڳي پڳ م پس، اندر مڙيو ٿي اڳڙيون يا ڪڏهن ڳاڙهو ڪهوٽ ڪڏهن مڙه مقام ۾ وغيره. گفتارون عملي فڪري مباحث کان سواءِ ٻين دلچسپي وارين ڳالهين ۾ ٻہ جابجا ڌهرايون وڃن ٿيون ۽ زندگيءَ جي رنگارنگ مثالن لاءِ انهن جو دليل طور استعمال ڪرڻ عام آهي. گفتارون ٻهاڪن ۽ چوڻين جهڙو ساڳيو عملي پهلو رکن ٿيون ۽ انهن وانگر ئي اُچاريون ۽ ٻوليون وڃن ٿيون. جن کي ڳالهائيندي شعري يا ادبي لاڳاپي جو احساس مشڪل سان رهندو آهي. گفتار ۽ ٻهاڪي يا عام چوڻيءَ ۾ وڏو فرق اهو آهي، جيستائين پڻي جو تعلق آهي تہ اهو اڪثر ڪنهن گمنام سان وابستہ رهي ٿو. اسان وٽ ڪيترن سگهڙن ۽ شاعرن جون ڪلامي سٽون "ضرب المثل" طور ڪتب اچن ٿيون، پر لطيف جون گفتاررون، خاص خوبي ۽ ڪمال جون حامل آهن، جنهن جهڙو مقام ڪنهن کي ٻہ حاصل نہ ٿيو آهي، اهي علم و ادب جو سخن بي پايان هوندي ٻہ عام ٻوليءَ ۾ رلي ملي جذب ٿي ويون آهن.

درحقيقت اصطلاح، محاورا توڙي ٻهاڪا ٻوليءَ جي هڪڙي واحد جنس سان تعلق رکن ٿا. گفتگوءَ جي اهڙي انداز پويان ساڳيو ئي انساني مزاج، فطانت ۽ تجربو شامل رهيو آهي. البت گفتارون وري ٻہ تخليقي عمل سان ڳنڍيل آهن. ٻهاڪا تڏهن نهيا، جڏهن اڃا مادي زندگيءَ ۾ تيز رفتاري ڪانہ آئي هئي. عملي ماحول ۽ منطقي ذهن اڃا ڪونہ اُسريو هو. دليل ڄاڻڻ ۽ حقائق پروڙڻ لاءِ فطرت جي عام مشاهدن ۽ تمدني زندگيءَ ڏانهن نهارڻ جي ماڻهن ۾ هير پيل هئي. هو فقط ماحول ۽ شين سان ئي هر عمل کي ڀيٽيندا ۽ سادن ۽ سولن مثالن ذريعي ساڃاهہ ۽ سياڻپ جا موتي ٻوليندا هئا. دنيا جي مڙني ٻولين جا ٻهاڪا اڄ ٻہ ساڳيءَ طرح انسان جي قديم نقل نظيرن جو پهلو پاڻ ۾ سانڍيندا اچن.

بعضي ته وري هڪڙي ئي پهاڪي ۾ رڳو رعايت لفظي ڪتب آڻڻ سان متعدد پهاڪا جڙي پيا آهن، جن جو مطلب ٻه ساڳيو ئي هڪجهڙو آهي. ان جو مثال هيٺين مشهور پهاڪي مان بخوبي ملي سگهندو. جيئن ته:

سؤ وڃائجي پر ساهه نه وڃائجي.

هاڻي متئين پهاڪي کي بلڪل ساڳي Contest ۾ مختلف نمونن سان ورجايو ويو آهي. فقط هڪڙن لفظن جي جاءِ تي ساڳي معنيٰ وارا ٻيا لفظ رکيا ويا آهن.

**مثال** (1)

1. هزار وڃائجي پر حب نه وڃائجي.
2. لک وڃائجي پر لحاظ نه وڃائجي.
3. ڪروڙ وڃائجي پر قرب نه وڃائجي.
4. پدم وڃائجي پر پريت نه وڃائجي.

يا ڪفلت جي ڪروڙ ڪان پريت جي پائلي چڱي.

**مثال** (2)

1. ٽڪي جي رن ٻه ٽڪا ڳهلائي.
2. ٽڪي جو پلو روپئي جي سير وڄهائي.
3. آٺ آنا آٺ ٻارهن آنا ڳهلائي.

سنڌيءَ ۾ پهاڪن جو مطالعو ڪندي، معلوم ٿئي ٿو ته ڪي پهاڪا دراصل يا ته شروع ۾ ئي منظوم سٽون يا فقرا هئا يا ته وري بعد ۾ ڪن ڳهيرن ۽ سخندانن انهن ۾ موزون سٽن جو اضافو ڪيو آهي.

**مثال:**

1. جهڙي چالي تهڙي ڇني.
جهڙو کهوٽ تهڙي وني،
هن لاهي هَن کي ڏني.
2. هيريا نه ڦير متان وڙهني
ڦيريام هير متان هرڻئي.
3. پٽ ۾ کير ته نور ۾ نور.
پنڊ ۾ بار ته سور ۾ سور

4. ڏڻ تہ ڏٿي نہ تہ وڪڻ ڪٿي.
وار تہ ڦٿي نہ ڪوڙاه ڪٿي.

از ان سواءِ اڪيچار اهڙين چوڻين کي بہ ٻوليءَ ۾ "ضرب المثال" جو درجو حاصل ٿي چڪو آهي، جيڪي فقط ڪن سگهڙن جي ئي زور طبع جو نتيجو آهن.

**مثال** (1)

واءُ ڪري تہ جَهڪَ ڪري.
زمين ڪري تہ آڪَ ڪري.
رنَ ڪري تہ چگهہَ ڪري.
مرد ڪري تہ بڪَ ڪري.

**مثال** (2)

مرد کي ناٿو، گهوڙي کي داٿو
اٺ کي لاٿو، معشوق کي ماٿو.

پهاڪن ۾ قوم جي تهذيب، عقيدا ۽ سوچون سانديل هونديون آهن، جنهن ڪري انهن ۾ ٻوليءَ جو اصل ۽ رنگ مزاج جيئن جو تيئن قائم هوندو آهي. البت زماني جي رفتار سان کي نوان فيشن وجود ۾ اچن ٿا. تهذيبي اٿل پٿل اچي ٿي يا وري بعضي رسمن رواجن ۽ مادي شين جو هالو چالو معاشري مان گهٽجي وڃي ٿو، ان ڪري لازمي طور بعض شين سان لاڳاپيل پهاڪن جو استعمال بہ ٻوليءَ مان گهٽجي وڃي ٿو، جا هڪ فطري ڳالهہ آهي. پر ان هوندي بہ پهاڪن جي افاديت ڪنهن بہ دور ۾ گهٽجي ناهي، ڇو تہ اٿل سچائي ۽ گفتن جي ملوڪت سان آهي تمثار هوندا آهن، جنهن ڪري گهڻا وقت ۽ حالات جي اثر تحت بدلجڻ بدران پنهنجي اصل صورت ۾ هلندا اچن ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو انهن کي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا جو رکپال تصور ڪيو وڃي ٿو.

پهاڪا، ڳالهہ ۾ زور پيدا ڪرڻ ۽ ٿوريءَ ۾ گهڻو ڪجهہ سمجهائڻ جو بي مثل گڻ پاڻ ۾ رکن ٿا. بهرحال جهڙو محفل ۽ گفتگوءَ کي رس ۽ چس ونائين ٿا تهڙو وري علم و ادب ۾ قدر وقعت رکن ٿا ۽ تقرير توڙي تحرير ۾ ساڳي ڇهر ۽ مزيداريءَ جو ڪارڻ بڻيا آهن.

**باب ٻيون**

# پهاڪا ۽ انهن جو مفهوم

## نالو - ذات - لقب

1. ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار.
• بلڪل اڻ ٺهڪندڙ ڳالهه يا ابتڙ دليل ڏيڻ.

2. ويلو نه وقت ليلان چڙهي تخت.
• ناشناس مهل موقعو ڏسندو ئي ڪونه پر وتندو اجايون تياريون ڪندو.

3. عمر نيٺي نيٺي مارئي نيندو ٽڙ ته ڪونه ٽيلهيندو؟
• با اختيار ماڻهو ڪٿي پنهنجي اختياري هلائيندو ان ڪان وڌيڪ ڇا ڪندو؟ يا زورآور جي زور جو به ڪو ڇيهه ٿيندو آهي.

4. سسئي ۽ سور ريا پٽيندا پاڻ پر.
• اهڙو انسان جنهن جو ڪوبه حال پائي نه هجي وتي پنهنجا سور پاڻ سان اوريندو.

5. دودو ڏوڙ چنسير ڇائي.
• ڳالهه ۾ اصل ڪجهه به ناهي، رڳو وڏاءُ آهي. يا ڀنهي مان ڪي ڪين وريو.

6. ڦريو به جهان خان، هل به جهان خان وٽ.
• بي انصافي به ساڳيو ماڻهو ڪندڙ هجي ۽ انصاف لاءِ ساڳئي ماڻهو وٽ وڃڻو پوي ته پوءِ ڇٻو ته انصاف تنهنجو در ٻوريل آهي.

7. جني ٻہ جڳ سان.

8. آءُ مران جنيءَ لاءِ، جني مري جڳ لاءِ.

9. ايمٽا مٽيو سو تيل ٽيو.

10. ڀيرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا.

11. اکين ڪان انڌي نالو نور خاتون.

12. اک ليپي ڪان، ڪپڙ خان چنڊ ڏٺو.

13. ڪن جي ڳالهين ميربحر مارايو.

14. ميرن ڪي گهران لڳي.

15. مارجي تہ مير مارجي نہ تہ چاڪر ڪهڙا چڪائجن.

16. آيا مير ڀڳا پير.

- جيڪا سيني جي راءِ ٻيهندي سا منهنجي يا جيئن اڻ ٽر حالت هڪڙا سهي ويندا تيئن مان بہ سهي ويندس.
- مان جنهن لاءِ قربانيون ڏيان سو وتي ٻين تي ساهہ پسام ڇڏيندو.
- اجائي لباڙ مان نڪي ورندو نڪي سرندو يا اجائي هام هڻڻ سان سچ ڀچ تي پوندو ڇا؟
- حريص ماڻهو هر ڳالهہ ۾ ڀيرين پنهنجو مطلب ڏسندو آهي.
- اڻ ڄاڻ ۽ بي عقل ماڻهو پاڻ کي عاقل سڏائي. برعڪس ڪم يا ابتڙ دليل جنهن ڪم تي فائز تنهن ڪان اڻ واقف.
- علم ليپي ٿي ڪونہ پر دعوي وڏي ڄاڻ جي.
- اجايون سازشون وڏن نقصانن جون حامل آهن.
- قوم ۾ نفاق ٿي مصيبت آڻي ٿو.
- مقابلو ڪجي تہ ڪنهن نامور سان ڪجي باقي ڪنهن معمولي سان ڪڙڻ ۾ ڪهڙو نالو ٿيندو؟
- ڏاڍي سامهون هيسيل ڇا ٻيهندو؟

40. ڏاڍو آدم ٽي ڪو نرالو آهي.

• انوکين عادتن جو ماڻهو آهي.

41. مغلن آئي پارسي وسري وئي.

• وڏي علم واري اڳيان ٿوري تعليم وارو بي وس آهي.

42. حب علي نہ پر بغض معاويہ.

• ڪنهن سان محبت يا اصول خاطر نہ پر، ذاتي عداوت باعث مخالفت ڪري پيو.

43. سخيءَ کان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب.

• صفا صاف انڪار ڪرڻ وارو ڪنجوس چڱو آهي يا آسري ۾ رکندڙ کان انڪار ڪندڙ ڀلو آهي.

44. نانءُ وڏو ديهہ سُڃي.

• مشهوري تہ گهڻي پر ڳڻن کان خالي.

45. بت ۾ سگهہ نہ نهي، نالو زورآور خان.

• سهڻ ليي ڪونہ رڳو آڪڙ گهڻي.

46. يار جادو، چٽي ويران وير وڌ.

• بدمستُ ماڻهو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ آهي.

47. مٺل کي ماري شاهہ شهزور.

• مصيبت ۾ ڦاٿل تي ٻي مصيبت ايندي آهي.بي پهچ کي ٻي هرڪو تنگ ڪندو آهي.

48. ولو جهڙو گهر ۾ تهڙو ٻڪرين ۾.

• جنهن کي ٻار ٻچا نہ هوندا آهن تنهن کي پنتي جي اون نہ ٿيندي آهي.

49. وهم جي دوا لقمان حڪيم وٽ بہ نہ هئي.

• وهم لا علاج مرض آهي.

50. مڙس تہ ڪو دودو آهين.

• ڪو لائق انسان تو ڏسجين.

51. جي جنهين سي تنهين، ڏوڙ پاتي ڏني.

• مائٽ مائٽن سان مليا ويا ۽ وچ ۾ ويڙهائيندڙ خوار خراب ٿيا.

8. انسان ريجهائڻ نانگ ريجهائڻ کان به ڏکيو آهي.

- انسان کي قائل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

9. انسان کي هٿ هٿ تي رکي ويهڻ نه گهرجي.

- ڪم جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي.

10. انسان کي پنهنجي ڪل ۾ رهڻ گهرجي.

- انسان کي پنهنجي حيثيت آهر هلت هلڻ گهرجي.

11. انسان خطا جو گهر آهي.

- غلطي انسان کان ٿيندي آهي.

12. انسان نه ٿڌي سهي نه ڪوسي.

- ماڻهو ڪنهن به ڳالهه ۾ راضي نه هوندو آهي.

13. گهڻي زالين گهر نه هلي،
گهڻي مردين هر نه هلي.

- گهڻن ڄڻن جي مداخلت سان ڪو به ڪم سولو ڪونه اُڪلندو.

14. مرد آهي ڏٺي لاءِ ۽ عورت آهي رنڌڻي لاءِ.

- مرد جو شان ٻاهر روزگار ڪمائڻ ۾ آهي ۽ گهر جي ٺام ٺوهه زال جي ذمي آهي.

15. مردن کان پنڌ ويا، زالن کان جنڊ ويا.

- اڄ مردن کان همت وئي آهي ۽ زالن کان پورهيو ڇڏائجي ويو آهي.

16. مرد مري مان تي، گانڊو مري نان تي.

- شريف ۽ بهادر ماڻهو عزت خاطر جان ڏئي ڇڏيندو پر بي غيرت ماڻهوءَ لاءِ پيو خوار خراب ٿيندو.

17. عورت جو عقل ڏائيءَ ڪڙي ۾ ٿيندو آهي.

- مرد جي ڀيٽ ۾ عورت ڪم عقل هوندي آهي.

18. پاڻ نه پلي لوڪان متيون ڏئي.

- پاڻ عمل نه ڪري رڳو ٻين کي نصيحتون ڪندو وتي.

19. ڪوڙي ڪوڙيءَ مت نياري.

- ٻه ڄڻا به هڪڙي مسئلي تي مشڪل ٺهن ٿا.

20. مهلون مڙس تي اينديون آهن.

• بهادر انسان آزمائش کان ڪونہ ڊڄندا آهن.

21. ڪوٽ ٺهيا ٻہ مڙسن لاءِ آهن ۽ ڪيرائيندا ٻہ مڙس.

• مشڪلاتون اينديون ٻہ مردن تي آهن ۽ انهن کي دور ٻہ اهي ئي ڪندا آهن.

22. بارُ ڪي باري ڪٺن مڙس ڏگَ
راند ۾ ساري ڪٺن مڙس ڏگَ

• ذميواريون نباهڻ بهادرن جو ڪم آهي ۽ آزمائش مان پار ٻہ اهي ئي نڪرندا آهن.

23. ٻنيون ۽ ونيون مڙس نہ ڇڏيندا آهن.

• بهادر مرد پنهنجي ملڪيت توڙي لڄ جو بچاءُ هر حالت ۾ ڪندا آهن.

24. مڙس اهو جو مهل تي ڪم اچي.

• تڪليف ۾ ڪم اچڻ ئي مرد جو شان آهي.

25. مڙس بنان ويهون ڪير ڪري؟

• ڪٺڻ ڪمائڻ واري کان سواءِ گهر ۾ رکو ڪوٽ ئي ڪوٽ هوندي.

26. مڙس مڙس جو مٽ آهي.

• مرد مرد سان برابري ڪري سگهي ٿو.

27. مٺي ماڻهوءَ جي مٺي ٻہ ڪم نہ اچي.

• انسان جيڪا ٻہ چڱائي ڪرڻ چاهي سا پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي ڪري ڇڏڻ کپيس.

28. مڙس قـدُر نہ تہ آهي جڏو.

• ڪي مرد پنهنجي حيثيت مڃائڻ لاءِ هر ڪنهن سان پيا ڏنگي هلت هلندا آهن.

29. اڪيلو ماڻهو نہ کلندو سونهي نہ روئيندو سونهي.

• خوشيءَ توڙي رنج ۾ انسان ٻين ماڻهن سان ڀلو لڳندو آهي. اڪيلائي ڪنهن حالت ۾ سٺي ناهي.

30. لوڪ آهي ٻوڪ.

- عيب ثواب ماڻهن کان لڪي نہ سگهندو آهي.

31. ٻڏندو ماڻهو ٻُوڙا جهلي.

- مصيبت مان نڪرڻ خاطر انسان ڪمزور کان مدد وٺڻ ۾ به نہ هٻڪندو.

32. ماڻهو ڀِٽيھ لڪڻو پر ڏندو ڇٽيھ لڪڻو.

- لچو ماڻهو بہ مارَ سان لچايون ڇڏيو ڏي.

33. ماڻهو ڦاٽو آهي تہ ڦٽڪڻ ڪهڙو؟

- اڻ ٽر ذميداري پوڻ ڪانپوءِ اجايو پاڻ ولوڙڻ مان ڪي ڪين ورندو.

34. عقل بنان آدمي آهي پسوءَ سمان.

- بي سمجھ هميشه ٻين جي رحم ڪرم تي رهندو آهي.

35. ماڻهوءَ جو ڪاج بہ ماڻهو آهي.

- انسان انسان جي صحبت کان سواءِ رهي نہ سگهندو.

# 3

## مٽ مائٽ، برادري، سڱابندي

1. ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، پر مون نہ چاڙهي تہ ڪنهن نہ چاڙهي.

- سيڪنهن لاءِ پنهنجي ڪمائي فائديمند آهي.

2. بابي جو پٽڪو ۽ امڙ جي ساءِ ڪٽي نہ ڏسان.

- مٺل مائٽ جي اجائي تعريف.

3. ياءُ مٽ ياڃائي ساهيڙي.

- تڪليف جو احساس جيترو پنهنجي رت کي ٿيندو سو ٻئي کي نہ ٿيندو.

4. بہ ياٹر ٽيون ليڪو.

- ورهاست يا ڏي وٺ سڀ ڪنهن سان صاف هٿڻ گهرجي.

72. ٻيءَ نہ ماري پدڙي پٽ جنگي جوان.

- بهادريءَ جون اجايون ڳالهيون هڻڻ واري لاءِ چوندا آهن.

73. ڳالهہ ڳالهہ ۾ ڇُري ڪتاري مائي آهي ست هٿياري.

- ٿوري ڳالهہ تي جهيڙي جهٽي ڪرڻ واري عورت لاءِ چوندا آهن.

74. پاڻ مرندي ڪهڙا سيڻ.

- پنهنجي آزار ۾ ٻئي جي ڇوٽڪاري جو خيال نہ ايندو آهي.

75. ٻيءَ بکاري پٽ پنداري.

- ٻيءَ پنهنجي سني ڳڏ ڪري ۽ پٽ پئسا اڏائي.

76. ٻيءَ نہ ماري پدي پٽ تير انداز.

- بيوقوف اجايون ڳالهيون هڻي ٻہ پنهنجي دل خوش ڪندا آهن پوءِ ڇو نہ ماڻهو ٺٺوليون ڪندا هجن.

77. ابو امڙ تي وريام.

- بي همت رڳو ان سان ڏاڍائي ڪندو جنهن وٽان وڙهڻ جو ڊپ نہ هوندس.

## 4

## ماڻهوءَ جي عضون ۽ عيبداريءَ بابت

1. ٻہ ٽنگي ٻہ ٻانهين ڪي الله پلي تہ پلي بندو ڪيئن جهلي؟

- ماڻهوءَ ڪي بيچڙائيءَ کان روڪڻ ماڻهوءَ جي وس ۾ ناهي، پر خدا جي وس ۾ آهي.

2. هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ ڪٽي ڪلهي تي رکجي.

- جتي وڃجي تہ، اتي نہ چاهيندي ٻہ انهن جي پَر ڪرڻي پوي ٿي.

3. هيري سندي هيرَ ٽنگ پڳي ٻہ نہ لهي.

- ڳهٽي تڪليف ۾ اچڻ ڪانپوءَ ٻہ عادت ڇڏڻ مشڪل آهي.

70. انڌو ۽ اڻ سونهون هڪجهڙا.

- اڻ ساڃاهه وارو شخص سنئين راهه اصل نه لهندو.

71. ڪاڻي ليکي مڙس ويو آهي اک وڃڻ.

- ڪي ماڻهو ايترو خوش فهميءَ ۾ مبتلا هوندا آهن، جو هر ڪنهن ڳالهه ۾ فائدي جو سوچيندا آهن.

72. جيڪا لڳي سا ڪاڻيءَ اک ۾.

- جيڪا آفت اچي سا بدنصيب شخص مٿان پوي.

73. ڪاڻيءَ جي وهاڻءِ ۾ نڪٽ گهڻا يا ڪاڻيءَ جي وهاڻءِ ۾ چيڏڪ گهڻا.

- بدنصيب جو هڪڙو ته ڪم ڪونه ٿيندو پر جي ٿيندو ته ان ۾ اڄايا پيا رخنا پوندا.

74. ڏس ڪاڻيءَ کان اک ڪاڻي چڱي.

- غلط راهه ڏسڻ کان بهتر ٿيندو ته راهه ڏسجي ئي نه.

75. ڇُوڇن گهر ڇِلا پڪا ننڍا وڏا نچڻ لڳا.

- سڪايل ماڻهو ٿوريءَ خوشيءَ ۾ ئي مست ٿي ويندا آهن.

76. جيسين ڍائو ڪنهي پيٽ تيسين بکيئي وڃي ساهه.

- آسودو ماڻهو جيسين غرض پوري ڪرڻ جي سنبت ڪندو تيسين غريب ماڻهوءَ جو انتظار ۾ برو حال ٿي ويندو.

77. پيٽ جو دوزخ ڀرجڻ جو ئي ناهي.

- حرص ۽ هَوَس ختم ٿيڻ جي ناهي.

78. پيٽ ڍائو اکيون بکيون.

- انسان کي پنهنجو ڪيترو به ڪَثيَ هجي، ته به ٻئي جي چڱي شَيِ ڏسي منجهس ضرور حرص پيدا ٿيندو.

79. پيٽ ڪاڻي، اکيون لڄائين.

- پنهنجي دولت جو به اهڙو ڏيک نه ڪجي جو ٻين جي دل آزاري ٿئي.

80. ڍلن پنيان پلا، پلن پنيان ڍلا.

- اشرافن جو اولاد ڪڏهن نالائق ٿي پوندو آهي ۽ ڪن بدمعاشن جو شريف ۽ ناموس وارو نڪري پوندو آهي.

120. تلوار جو ڦٽ ڇٽي وڃي زبان جو ڦٽ نہ ڇٽي.

- جسماني ڌڪ ڇٽي ويندو پر بدگوئي انسان کان ڪڏهن بہ وسرڻ جي ناهي.

121. ڇپ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.

- ٻين سيني ڳالهين کان واعدي خلافي بڇڙي ڳالهہ آهي.

122. عادت عضوو آهي.

- عادت انسان جو فطري جز بنجي وڃي ٿي.

123. پيٽ جو ڍءُ اکين جي بک.

- انسان وٽ ڀلي تہ سڀ ڪجهہ پنهنجو هجيس، پر سندس حرص ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ جو ناهي.

124. پيٽ ۾ درياءُ اٿس.

- وڏي علم وارو آهي.

125. ٻچيءَ کي قبر تائين آسرو.

- کي ماڻهو ايترو تہ ڪم فهم ٿيندا آهن، جو سڀ اميدون لهي وڃڻ کان پوءِ بہ آس لڳائي ويٺا هوندا آهن. يا ائين ٿيڻي لاءِ آس لڳائي ويهڻ ڪم فهميءَ جي علامت آهي.

126. پيران لاهي منهن ۾ هڻڻ.

- ڌارين سان ماڻهن جي گلا ڪرڻ بہ ائين آهي جڻ تہ پاڻهي پنهنجي عزت گهٽائڻ.

127. پرائي مٽي جو سور پنهنجي مٽي ۾ نہ وجهجي.

- پرائي مصيبت ۾ پاڻ نہ ڦاسائجي.

128. ڇتوءَ کي ڇٽَ ٻڌي ڪاٺ ڪلهي ڪرائجيس.

- هلڪڙو ماڻهو پنهنجي تعريف ٻڌي خواريءَ جهڙو ڪم ڪرڻ کان بہ نہ مڙندو.

129. نہ انگ تي اگهڙي ۽ نہ منهن ۾ نور.

- هوندي سوندي خرج نہ ڪبو تہ بڇڙا حال رهندا.

130. جھڙو منهن تهڙي راڳڻي.

• ماڻهوءَ کي سچائي گفتگو ڪرڻ بهتر آهي.

131. جهڙو ڍول تهڙو ڍول.

• سهڻي شخص کي سهڻي سيرت پلي لڳندي آهي.

132. هڪڙو شڪل بڇڙو ٻيو منهن نه ڏوئي يا شڪل بڇڙي افعال ڪوتا.

• صورت به سهڻي نه هجي ۽ اخلاق به خراب هجن ته هيڪاري بڇڙو لڳندو.

133. ڏند لين ڪونه شوق هڏن ڪرڻ جو.

• پيريءَ ۾ جوانيءَ جا شوق ڪرڻ ٺٺا سونهن.

134. جڏهن ڏند هئا، تڏهن ڀڳڙا ڪونه هئا هاڻي ڀڳڙا آهن. ته ڏند ڪونهن.

• مناسب موقعي سواءِ ملهائتي شيءِ به ڪارآمد ناهي يا انسان کي منداڻتي ۽ اڻ منداڻتي پنهنجي حالت ۾ پوڳڻو پوي ٿو.

135. هيري سندي هير تنگ پڳي نه لهي يا هيرياڙي جي هير تنگ پڳي نه لهي.

• عادتي پنهنجي عادت هرگز نه ڇڏيندو آهي.

136. ڪدڙي جي ڪمائي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۾ پوري.

• ناڪاره ماڻهوءَ مان ٻيو ته نه وري سگهندو پر پنهنجي پسورائي لاءِ هرڪو حرج برداشت ڪندو رهندو.

137. ڪاڻي پنهنجو ٽيٽ نه ڏسي پر ٻين جي پٽليءَ ڏانهن نهاري.

• بدخصلت ماڻهو هر ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهي، منجهائنس عيب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي!

138. هڪڙو وٽي ڪونه ٻيو ويهان وچ ۾.

• اٺونڊز ماڻهوءَ کي دل سان ڪوبه عزت نه ڏيندو.

# 5

## هنر منديءَ ڏنڏي وارا

1. موچيءَ جا گھڙيا موچيءَ جي منهن ۾.
2. آگر سچا ڪي لوھر سچا.
3. لڪيا لوھارن ڪي ٽيڙ ۾ ٽانڊا.
4. سؤ ڏڪ سوناري جا هڪ ڏڪ لوھار جو.
5. اٺدو اھا جيڪا ڪوريءَ جي من ۾.
6. ڪوري ڏھي ڇڏي، پر ھي ڏھي ٻہ نہ ڇڏي.
7. ڪوري ڪڏ ڪٽي پر پاڻ ان ۾ پوي.
8. ٻجڙو ڪم ڪرائجي ڏيڍ ڪان.
9. ڪتيءَ جي گھران وٺي ڇُو.
10. ڪنير جي گھر ۾ نڪر سڄو ڪونہ لپي.
11. ڪم لٺو ڏڪڻ وسريو يا ڪم لٺو تہ ڪاڳر ڦاٽو.

- ٻين جي برائيءَ لاءِ ڪيل ڪم ٻہ نيٺ پنهنجي آڏو ايندو.
- ڪھڙي خبر تہ ٻن صلاحين جي وچ ۾ صحيح ڪير؟
- ڪن جو ڏنڏو ئي اھو هوندو آھي، جو ڪين رڳو تڪليفون سھٽيون پونديون آھن.
- ڏاڍي مڙس جو ھڪڙو ئي وار ڪافي آھي.
- ھرڪو ماڻھو پنهنجي دل وڻان ڪم ڪندو آھي.
- بخيل ڪنھن شَي جو ذرو ٻہ نہ ڇڏيندو.
- سازشي پنهنجي سازش جو پاڻ ٻہ شڪار ٿيندو آھي.
- ڪڏو ڪم ھميشه بري ماڻھوءَ ڪان ڪرائبو آھي.
- ڪي ماڻھو پرائي نقصان ڪي خيال ۾ ئي نہ آڻيندا آھن.
- ڪرت واري وٽ پنهنجي ناھيل شَي پاڻ وٽ سالم نہ ھوندي آھي.
- مطلبيءَ جو ڪم لٺو تہ اڳلو وسريو.

| | |
|---|---|
| 12. ماريءَ جي گهر ۾ هڏا. | • پاپي ماڻهوءَ کي پاپ سوا ٻيو ڪجهه نصيب نه ٿيندو. |
| 13. ميهار سچو ٿئي ته ڪُڙهَ تي ڪير پيئاري. | • با اختيارر ماڻهو سچو ٿئي ته فوراً ڪم ڪري. |
| 14. ميهار مينهن مان نڪتو ته وڃن ڪهڙي پارت؟ | • واسطو ٽوڙيندڙ کي ڪنهن به ننگ وڙ جو لحاظ ڪونه پوندو. |
| 15. يار به تيلي سينڌ به ميلي. | • بي لحاظ ماڻهوءَ جي سنگت مان خواريءَ سواءِ ڪجهه به نه ملندو. |
| 16. حلوائي جو حلوو مٺو، حلوائيءَ سان وير. | • ڪي ماڻهو پنهنجي خراب خصلت باعث چڱي ماڻهوءَ جي چڱاين جي باوجود به ان سان وير رکندا آهن. |
| 17. حلوائي جو دڪان ءِ ڏاڏا مرحوم جي فاتح. | • بي رحميءَ سان مال لٽائڻ، يا پرائي هٿ آيل دولت کي پنهنجو سمجهي خرچ ڪرڻ. |
| 18. چنڊي مڱڻهار کي گهور مهل لڳي حاجت. | • نياڳي ماڻهوءَ کي ڀاڳ لڳڻ وقت به ڪانءِ ڪا رڪاوٽ پوندي آهي. |
| 19. ڪوئلي جي واپار ۾ هٿ به ڪارو منهن به ڪارو. | • ٻڇڙن ڪمن مان سواءِ بدناميءَ جي ٻيو ڪي به حاصل ڪونه ٿيندو. |
| 20. هڏئون ويهي هٿاءِ ته مالڪ ڏئي مجرا. | • جڏهن هڙئون وڙئون ڇيهو ڪاٽبو، تڏهن وڃي بخيل راضي ٿيندو. |
| 21. هنرمند جو هنر، بي هنر جي جند. | • هنرمند جيڪو ڪم ويرم ۾ ڪندو، بي هنر ان مان ڦاسي پوندو. |
| 22. پڙهي پاڻ نه ڄاڻي ماري ڪتابي. | • اڇيس پاڻ کي ڪونه خارون ڪڍي ٻين مان. |
| 23. آئي ٽاندي ڪاڻ ته ٿي ويئي بورچياڻي. | • ٿوري رعايت ملڻ سان ماڳهين مختيار ٿي ويٺو. |

# 10

## ڄٽ - ملا ۽ قاضي

1. ڄٽ جي ڄمار اڍائي ڪتا.

- جاهل ماڻهوءَ جي عمر جهل ۾ =' .12ئي گذري و

2. ڄٽ جي ڄمار ملوڪ جي رات.

- داناءُ ماڻهو جيڪو ٿوري وقت ۾ سمجهي ويندو، جاهل ماڻهوءَ کي اهو سمجهڻ لاءِ ساري ڄمار گذري ويندي.

3. ڄٽ ملوڪ گلم جو ڏيان.

- جنهن ماڻهوءَ کي نشست برخاست جا آداب نہ ايندا هجن، سو ڪچهريءَ ۾ ڪيئن سونهندو.

4. چڱائي ڪر ڄٽ سان تہ ڦيري هٽي پٽ سان.

- بيوقوف ماڻهوءَ سان ڪيتري بہ چڱائي ڪجي، پر هو ان کي بڇڙائي سمجهي سامهون ٿيندو.

5. ڄٽ پڙهيو الله اڙيو يا ڄٽ پڙهيو ملڪ اڙيو.

- بي علميءَ کان بہ ڪم علمي وڌيڪ خطرناڪ آهي.

6. ٻن ملن جي وچ ۾ ڪڪڙ حرام.

- بيجا تڪرار ۾ پوڻ سان صحيح ڳالهہ بہ غلط سمجهي ويندي. يا ٻن ابتڙ اصولن جي پوتواريءَ ۾ فيصلو ڪوبہ نہ نڪرندو.

7. ملو منو مهابو لٽو.

- جنهن شخص سان مطلب واسطي لحاظ هو، تنهن جي وڃڻ بعد، ان کان بہ ڇڻاسون.

8. اُڏي ڪُتي امام جي ڳلي.

- اسين حڪم جي تعميل ڪريون ٿا. پر نفعو نقصان مالڪ جي ذمي آهي.

9. نيم حڪيم خطرو جان ۽ نيم ملا خطرو ايمان.

- اجائي ڄاڻ جي دعويٰ ڪندڙ شخص اٿلندو نقصان جو باعث ٿيندو.

10. مُلي جي ڊوڙ مسيت تائين.
11. جي اهو پيش امام آهي ته گهڻن جا وضو ڀڄندا.
12. قاضي ويٺو آهي قلب ۾، باقي ٻين کان ڇا پڇجي.
13. قاضي جاڻي قاضيءَ جي قيام جاڻي.
14. نڪا نماز ٿي پڙهون نڪا خطائي ٿئي.
15. مسجد ڊهي وئي محراب رهجي ويا.
16. وياسون نماز بخشائڻ روزا ٻه ڳلي ۾ پئجي ويا.
17. ڪافر پڇي ڪلمي کان اهوئي ڪلمو منهن ۾.

- ٻي ٻهچ جي رسائي محدود ٿيندي آهي.
- جتي پنهنجي مرضي هلائيندڙ سان پلؤ اٽڪندو اتي لاچار عادت مٽائڻي پوندي.
- انسان جو ضمير ئي سڀ کان وڏو منصف آهي.
- ڪوتي يا سچي نيت منصف پاڻ لوڙيندو.
- ذميواري نه ڪنئي اٿئون ته پوءِ غفلت جو خوف ڇا جو؟
- اصل شَي ويندي رهي، رڳو نشاني ءِ نالو رهجي ويو.
- هڪڙي ڪم کان جند ڇڏائڻ جي ڪيائين ته ماڳهين ٻيو ٻه ڪرڻو پئجي ويس.
- جنهن ڳالهه کان ٻچجي سائي وري سامهون اچي.

## 11

## مهمان - دوست - دشمن

1. ادي جي گهر مهمان اچن ته منهنجي دل لوڏوئي نه ڪائي.
2. اويلو مهمان پٽائي پاڻ.

- بار هڪڙي تي هجي ته ان جو اثر ٻئي تي ڪهڙو ٿيندو.
- بي وقتائتي ماڻهوءَ جي دل وٽان آجيان ڪانه ٿيندي.

12. سڪٽي جند پرين تان صدقي.

- عملي مدد نه ڪرڻ رڳو زباني محبت جتائڻ مان ڇا ورندو؟

13. بي تالي ڪيري ڏڪڙ جو ذيان.

- بي ڳرو ماٺو ٻيو فن بگاڙيندو. اڻ ڄاڻ ڪان ڪم ڪرندو آهي.

# 13

## دنيا - گهر - وقت - مدت

1. دنيا آهي مانجهاندي جو ماڳ.

- حياتي عارضي آهي.

2. دنيا آهي ڇٽن ڏينهن جو ڇتڪو.

- دنيا جون خوشيون ٿوري وقت لاءِ آهن.

3. دنيا آهي ڏوڙ، ڏوڙ آهي دنيا جي منهن ۾.

- جيئن ته هي جهان مري ڇڏڻو آهي، ان ڪري عارضي حياتيءَ خاطر حد کان وڌيڪ سکن لاءِ پاڻ پتوڙڻ بي سود آهي.

4. جهڙو ديس تهڙو ويس.

- جتي رهجي اتي جي ريت ڪرڻ ۾ ئي ڀلو آهي.

5. جڳ مڙيوئي جوابازي ڪِن کٽي ڪِن هارائي.

- دنيا ۾ ڪاميابيءَ ناڪامي صرف ڪِڏ ۽ حرفت تي دارومدار رکي ٿي.

6. پنهنجي گهر جهڙي ٻه ڪا ٻي بادشاهي.

- پنهنجي گهر جهڙو سک ۽ آرام ٻيو ڪٿي ٻه نه ملندو.

7. گهر ۾ هجي جاءِ ته ٻاهر ٻُهر جو اچلجي.

- گهر ۾ ضرورت پوري ٿئي ته ٻاهر ڇو تڪجي.

8. گهر ۾ گهر ٻڌي وڃي مرُ.

- هڪڙي گهر ۾ ٻن زالن سان گهارڻ وارو مڙس سدائين جنجال ۾ رهندو.

9. گهر جو پير چلهه جو مارنگ.

- ڪيڏي ٻه وڏي رتبي واري شخص جي گهر ۾ اهائي رواجي حيثيت هوندي.

22. روزن پنيان عيدون.
- تڪليف ۽ ڪشالن ڪاڻ ئي خوشيون حاصل ٿين ٿيون.

23. جتي پني تتي وهاٽي.
- ڪي ماڻهو رڳو قسمت تي ڀاڙيندا آهن ۽ حياتي جيئڻ آئي تيئن گذاري ڇڏيندا آهن.

24. جنهن جي وجهي گهر، اُن جي ڪجهي ٻرِ.
- جن سان ڪهارٺو پوي، تن جي ريت تي هلڻ ۾ ئي خيريت آهي.

25. گهر جي گلا مائي تري ڪائي چلا.
- ڪوڙي وڏائيءَ ۾ خوشي ۽ رسوائيءَ جو ڪو خيال نہ اٿس.

# 14

## گهر جي ڪارڪرت - رڌپچاءَ ۽ ٿانوَ

1. سڪٽي ڪني اُيامي گهٽو يا ٺلهو ڇڙو وجي گهٽو.
- بي سرو سامان شخص سچائيءَ ۾ هميشه ٻٽاڪون هڻندو آهي.

2. جيڪي ڪني ۾ هوندو سو پاٽ ۾ پوندو يا جيڪي هانوَ ۾ هوندو سو ٿانوَ ۾ پوندو.
- جهڙا لڇڻ هوندا تهڙا ئي وقت تي ظاهر ٿيندا يا جيتري پهچ هوندي اوترو خرچ ڪري سگهندو.

3. ڪُني ڦرانجي، ٻني نہ ڦرانجي.
- گهٽي نقصان کان بچڻ خاطر ٿورو نقصان سهي وڃڻ گهرجي.

4. ٽڏو گهڙو پاڻ کي چانوَ ۾ ويهاري.
- نٺڙت ۽ ميڻاج وارو ماڻهو جتي ڪٿي مان پائي.

5. پڪي گهڙي کي کهڙا ڪُنا پوندا.
- وڏي هوندي لچڻ سيڪارڻ ناممڪن آهن.

6. ڪڏهن مَٽُ مائيءَ تي تہ ڪڏهن مَٽَ تي مائي.
- انسان هميشه ساڳئي حال ۾ نہ رهندو آهي، ڪڏهن سوار آهي تہ ڪڏهن پيادو.

68. وڃي پنهنجو پٽ گهاتو ڪر.
- مون سهسايو تون وڃي فائدو ڪڻ.

69. ڇٽي ڇٽي جو پنهنجو راڳ.
- هر ماڻهوء جو ذوق شوق نرالو ٿيندو آهي.

70. پاپ جو گهڙو ڀرجي ڀرجي نيٺ ڦاٽي.
- هڪ ڀيرو ڏوهن جي ڪمن ۾ هٿ وجهڻ سان ماڻهو ڦاسجي ويندو آهي. هو ڏينهون ڏينهن ويندو وڌيڪ ڏوهه ڪندو تان ته هڪ ڏينهن برباد ٿي ويندو.

71. ڀَرُڻ ڇوي ڏونگهي ڪي هل ڙي ته ٽونگا.
- پنهنجو ڪيڏو به عيب نظر نه ايندو پر ٻئي جو ننڍڙو عيب به وڏو ڪري سمجهندو.

72. پنهنجي ڏونري کي ڪير به کٽو نه چوندو.
- پنهنجي شَي جي ڪوبه برائي نه ڪندو.

# 15

## بندو - من - دل - روح - نيت

1. تدبير ڪري بندو ته تقدير ڪري خندو.
- انسان جي وس ۾ ڪجهه به ناهي پر سڀڪجهه تقدير جي وس آهي. فارسيء ۾ساڳي چوڻي هن ريت آهي. تدبير ڪند بنده تقدير ڪند خنده.

2. بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي.
- انسان دل ۾ گهڻئي ارادا رکي ٿو، پر ٿئي سڀڪجهه رب جي منشا مطابق ٿو.

3. بندو گندو آهي.
- انسان گنهگار آهي.

4. عالمن جا ابا تو به ٽنگون ٽيڙيون ته بندا ڪيئن ڪندا؟
- جيڪڏهن نالي چڙهيل ڪم ڪان بان ڪري ويهي رهي ته پوء معمولي ڪارڪن ڇا ڪندا؟ (طنز طور چئبو آهي.)

13. ڏک رحماني ڏک شيطاني.

- وڙهڻ يا مارڪٽ هڪ شرارت آميز فعل آهي، ان جو رڳو چرچي يا مذاق ۾ آزمائڻ به نقصان جو باعث بنجي سگهي ٿو.

14. دراز ريش خضر يا ابليس.

- ڏگهي ڏاڙهيءَ وارو يا نيڪ هوندو يا ماڳهين بدمعاش.

15. جادو اهو جو سر تي چڙهي ٻولي.

- شيَ اُها اثراتي، جنهن لاءِ ڏسندڙ جي دل مان ازخود تعريف نڪري وڃي.

16. ڏائڻ به هڪڙو گهر ٽاريندي آهي.

- ٻيڙو ماڻهو به ڪنهن هڪڙي تي ضرور ترس کائيندو آهي.

17. ڏائڻ هلي مڙدا کڻڻ-مردن ڪپڙا به لاهي وڃس.

- بدمعاشن کي به ڪڏهن بدمعاشي ڪانءِ ڦٻندي آهي مرڳو خراب خوار ٿي نڪرندو آهي.

18. ٻيا جن ڇڏي وڃن پر ڪجيءَ جو جن نہ ڇڏي.

- ڪنهن ڏکئي ماڻهوءَ سان واسطو پوي جو اصل جان نہ ڇڏي يا ڪنهن اهڙي اڙانگهي ڪم ۾ وچڙجي جو اُهو وبال جان ٿي پوي.

19. جيڪا پاڻ کان گهٽو گهري سا ڏائڻ.

- حد کان زياده همدردي جتائڻ وارو شخص دل ۾ ضرور دغا رکندو هوندو.

20. لتن جا ڀوت ڳالهين سان ڪونہ مڃيندا.

- لچ شرافت مان ڪونہ سمجهندو.

# 18

## زور - عقل - مورک

1. زور ماري زور کي.
- طاقت ئي طاقت جو مقابلو ڪري سگهي ٿي.

2. زور اڳيان زاري نہ ٿي هلي.
- طاقتور کي منٿ ڪرڻ مان ڪو فائدو پهچي نہ سگهندو.

3. جنگ ۾ سيون ڪونہ ڳڻبيون آهن، زوراوري ڏسبي آهي.
- ويڙهہ ۾ طاقت مڃائڻ واري ڳالهہ ڏاڍي ليکبي آهي. پوءِ ڪٽي نقصان گهڻو سٺو هجيس.

4. زور ماري عقل کي.
- عاقل داناءُ ماڻهو بہ زور وارن اڳيان بي وس آهي.

5. عقل ريءَ عذاب گهڻا پسنديءَ جنڊڙي.
- بي سمجهہ انسان جي زندگي هميشه تڪليف ۾ گذري ٿي.

6. عقل ۽ سونهن جي ڪنهن کي ۾ بک ڪانهي.
- هر ڪو انسان پاڻ کي سهڻو ۽ ڏاهو سمجهي ٿو.

7. عاقل لاءِ اشارو ڪافي آهي.
- عقلمند ماڻهو ٿوري اشاري مان ئي سمجهي وڃي ٿو.

8. نادان مري ڪان سان داناءُ مري زبان سان.
- داناءُ کي زبان سان قائل ڪري سگهبو مگر جاهل کي فقط هٿيار سان ڊيڄاري نوائي سگهبو.

9. مورک سپ چمار-سگهڙ ساعت هيڪڙي.
- داناءُ انسان جيڪي ٿوري عرصي ۾ ڪري سگهندو سو نادان ماڻهو سڄي ڄمار ۾ ڪري نہ سگهندو.

10. ڪانئر مري موت ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾.
- بزدل ماڻهوءَ جي زندگي هميشه ڊپ ۾ گذري ٿي.

11. سگهڙ جو ٻهارو ڪڍڻ واڇان جو راڳو ڏيڻ.

• عقلمند ٿوري محنت سان لاڀ پرائي پر جاهل گهڻي محنت سان ٻہ ڪجهہ حاصل نہ ڪري سگهي.

12. پرائي دهلين احمق نچي يا ججج پرائي احمق نچي.

• پرائي ڪاڄ ۾ خوش ٿيڻ وارو ضرور بيوقوف هوندو.

# 19

## سچ - ڪوڙ

1. سچ جنين جو سير، تير نہ گسي تن جو.

• سچار ماڻهو ڪڏهن پنهنجي مقصد ۾ ناڪامياب نہ ويندو آهي.

2. سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي پر ڪڏهن نہ ٻڏي.

• سچار کي ڪجهہ تڪليفون اينديون پر نيٺ ڪاميابي سندس قدم چمندي.

3. سچ سونهين سچن کي.

• سچارن کي سچ ئي زيب ڏئي ٿو.

4. سچ تہ بيٺو نچ.

• سچار سدائين خوش گذاري ٿو ۽ هو ڪنهن بہ قسم جي انسان کان آجو هوندو آهي.

5. سچ مرچاڻ ڪوڙ ٻُرُ.

• ڪوڙي تعريف ماڻهن کي وڻندي پر سچي ڳالهہ ٻڌي ڪوبہ سهي نہ سگهندو.

6. سچ سون ڪوڙ ڪنجهو يا سچ سون ڪوڙ ڪَڄُ

• سچار هميشه سرخرو رهي ٿو.

7. ڪوڙي کي ڪتائجي ڪڻ ۾.

• وَر وَر ڏئي پڇا ڪرڻ سان ڪوڙ ظاهر ٿي پوندو آهي.

8. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ.

• ڪوڙي ماڻهوءَ کي نيٺ شرمسار ٿيڻو پوندو.

9. ڪوڙي جي ڊوڙ ڪڌ تائين.

- ڪوڙو ماڻهو پنهنجي ڪوڙ تي ڪيترو به قائم رهي پر ضرور ظاهر ٿيندو.

10. هڻ اتان جتان ڪوڙائي نه موٽن.

- ٿامي ٿوڪي وڏي ڪوڙ هڻڻ سان به ڪوڙو نيٺ ڪوڙو.

11. ڪوڙ جو مٿلو ڪوڙ.

- ڪوڙ شروع ۾ ڪيترو به دلڪش هجي پر ان جي پڇاڙي نيٺ خراب ٿيندي.

12. ڪوڙ آهي ڇمار جي ڪتر.

- ڪوڙي با بد باطن شخص جي عمر گهٽجي ويندي آهي.

## 20

## مينهن - ڏڳي - ڀاڻ

1. ڪنين جي ڪاڻ آءِ ڳڻون چاريان ڳوٺ جون يا ڪنين جي ڪاڻ ڳابا چاريم ڳام جا.

- ڪنهن سان خاص الفت جي خاطر ان جي سيني واسطيدارن جون خدمتون ڪرڻيون پون ٿيون.

2. ڏڳيءَ کي پنهنجا سڱ ڳرا ڪونه لڳندا آهن.

- مائٽ تي اولاد جي پالنا بار ڪونه ٿيندي آهي.

3. وهندي ڏڳي تي سدائين مار.

- ايمانداريءَ سان ڪم ڪندڙ کي سيڪو وري وري پيو ڪم چوندو.

4. ڏاڍو سو ڳابو.

- زبردست جو هر شيءِ تي قبضو هوندو آهي يا طاقتور جيڪي ڪري سو حق آهي.

5. ڏنڊين ڏاند ڪرين ڳابي.

- دلي مقصد هڪڙو پر ظاهري ڍونگ ٻيو.

6. ڏٻري ڏڳي تي مچر گهڻا.

- بي ٻهچ يا ڪمزور تي آفتون به گهڻيون.

7. چاڪيءَ جو ڏاند گهمي گهاٽي ڏاري.

- پورهئي ۾ سدائين رڌل ماڻهوءَ کي ٻي ڪا به سڌ سماءَ نه رهندي آهي.

40. اُٺ چري ٻنيهه، ٻڪري چري ڇنيهه.
41. اُٺ جنهن وڻ سان ٻڌجي سوئي چري.
42. اُٺ جو لاڏ، ڪجائو ٽوڙي.
43. جيڏا اُٺ تيڏا پلاڻ.
44. اُٺ جي ڇيله تي آخري تنڪو.
45. اهڙي مار جهڙي اُٺ پٽڻ تي ڪائي.

- ڪي ماڻهو ڪم بگاڙڻ ۾ سيني ڪان تڪڙا.
- بدمعاش پنهنجي محسن کي ڇيهو رسائڻ کان به نه مڙندو.
- لڄ جو ٽورو به نقصان رسائي.
- وڏي جا بار به وڏا يا وڏي جون ذميداريون به گهڻيون.
- ذميوارين ۾ ڇڄندڙ انسان وڏيڪ ٽورو بار به سهي نه سگهندو.
- ڏاڍي سخت مار لاءِ چوندا آهن.

# 22

## هاٿي - گهوڙو - گڏهه

1. هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا.
2. هاٿيءَ ڏجي اُٺ کان اُٺ ڏجي هاٿيءَ کان.
3. هاٿي جيئرو ته لک جو، مئو ته سوا لک جو.
4. انڌو هاٿي لشڪر جو ذيان.
5. ماڪوڙيءَ جي لت کان هاٿيءَ جي لت چڱي.

- ڪي ماڻهو زبان سان چوندا هڪڙي ڳالهه ۽ ڪندا ٻي ڳالهه.
- ڏاڍو ماڻهو پاڻ جهڙي طاقت واري کان پيو ڪنبندو آهي.
- ڪن ماڻهن جو قدر مئي کان پوءِ پاڻ وڌيڪ ٿيندو آهي.
- اجايو جوش ۾ ماڻهو پنهنجو ئي نقصان ڪري ويهندا آهن.
- ڪنهن خسيس ماڻهوءَ جي احسان کڻڻ بدران ڪنهن بردبار ماڻهوءَ جو ٽورو پاڻ تي کڻڻ بهتر آهي.

23. جي تون ٻنڌ ٻنڌائي تہ مان شينهن شينهائي.

- پنهنجي زبان سان پاڻ کي ٻهادر سڏڻ سان ماڻهو سچ پچ ٻهادر ڪونہ ٿي پوندو.

## 25

## ٻڪري - رڇ - هوٽي

1. شل جهنگ جي ٻڪري آنَ نہ چري.

- جهنگلي ماڻهو شهر جا مزا ورتا تہ پوءِ پنهنجو ڳوٺ بہ وساري ويهندو.

2. هرڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي.

- هرڪو ماڻهو پنهنجي ڪئي جي سزا لوڙيندو.

3. جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ.

- پنهنجي ٿوري فائدي لاءِ وڏو نقصان ڪري وجهڻ.

4. ٻڪريءَ جي ماءُ گهڻا ڏينهن خير ملهائيندي؟

- جنهن جو انت اڇو ئي آهي، سو پنهنجو خير ڪيترو گهرندو.

5. ٻڪريءَ کي ساهہ جي ڪاسائيءَ کي ماهہ جي.

- ظالم کي هر حالت ۾ ظلم ڪرڻ جي ڏن لڳل هوندي آهي ۽ هن کي مظلوم تي هرگز قياس نہ ايندو آهي يا لالچيءَ کي پنهجي حرص پوري ڪرڻ جي لڳل هوندي آهي ۽ ٻئي جي نقصان جو ڪيس هرگز قياس نہ پوندو آهي.

6. رڇ جو پيٽ ڀرجي تہ ڏڙيون ٽپڻ شروع ڪري.

- ٻي ڪري يا لچ ماڻهوءَ جو اهو ئي ڪم هوندو آهي جو زور وٺڻ کان پوءِ هو اوڙي پاڙي کي تنگ ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

7. ڏڙ ريڊيو ۽ سسي ٻاڪري.

- ٻن مخالف جنسن جو جوڙ اڻ سهائيندو لڳندو آهي. ٻي جوڙ مثال يا ابتڙ ڳالهہ لاءِ چوندا آهن.

3. کير وهي وڃي پٽ ۾ پيو.
- ذاتي نقصان ته ٿيو پر فائدو وري به پنهنجن کي ئي مليو.

4. کير پير آهي.
- کير قوت واري غذا آهي.

5. سچ سير ڪاري ٻڪريءَ جو کير.
- سچ نيٺ سچ ٿيندو.

6. کير جو ڪانيل جهڻ ڦوڪي پيئي.
- جنهن شيءِ کان هڪ ڀيرو نقصان پهتل هوندو، تنهن جي ٻاچي کان به پيو ڊڄبو.

7. هارئي کير لاءِ ڪيترو روئبو؟
- ٿيل نقصان لاءِ پڇتائڻ مان آخر ڇا ورندو؟

8. کير جو کير پاڻيءَ جو پاڻي.
- سچ سچ ٿيندو ڪوڙ ڪوڙ ٿيندو.

9. کير لکڻ جي مينهن جو پٽي وري گلڻ خان.
- هڪڙن جي محنت جو ٻيا ڪٽيو ڪائين.

10. مِنهُن مکڻ جو جهوري جهڻ جي.
- دل ۾ "لالچ" هڪڙي شيءِ جي، مگر ظاهريءَ بهانو ٻي شيءِ جو.

11. اڻ گهُريئي ملي سا کير برابر.
- مفت ۾ مليل شيءِ جا عيب ڏسڻ نه کپن.

12. پنهنجي ڏڌ کي کير کٽو چوندو؟
- پنهنجي شيءِ کي ڪو خراب چوندو ڇا؟

13. هڪ مٽ ۾ ٻه گدرا ڪونه ماپندا.
- هڪڙي مهل تي هڪڙو ئي ڪم بخوبي راس ٿي سگهندو.

14. گدري کان ئي گدرو رنگ وٺندو آهي.
- صحبت جو اثر اوس ٿيندو.

15. گدرو هڪ لاڳدار گهٽا.
- شيءِ هڪڙي خواهشمند گهڻا.

16. ڪاتي ڪري گدري تي به گدرو مٺو ءِ جي گدرو ڪريو ڪاتيءَ تي ته به گدرو مٺو.
- مجبور انسان خوش هجي يا رنج هجي، پر ڪيس ڀوڳڻو آهي.

17. هڪ انار سؤ بيمار يا هڪ انگور صد زنبور.
- شيءِ ٿوري خواهشمند گهڻا.

18. جنهن جو ٻج بڻياد تنهن جو ميوو مٺو نہ ٿئي.
- ٻجڙن جو اولاد بہ ٻجڙو.

19. ميويدار وڻ جهڪي بيهندو آهي.
- ڀلو ماڻهو سدائين نئڙت سان هلندو آهي. فارسيءَ ۾ ان جي هم معنيٰ پهاڪو آهي تہ: نهد شاخ پُر ميوه سر بر زمين.

20. انبن جي سڪ انبڙين مان نہ لهندي.
- نقلي شَي اصليءَ جي جاءِ پري نہ سگهندي يا چاهت واري ڪانسواءِ ٻئي مان تلهو ساءُ تہ ايندو پر اها سڪ نہ لهندي.

21. ٻڪل ٻير ڏانهن هرڪو پٿر اڇليندو.
- ساماڻل ڇوڪري جي سڱ ڇڪائڻ جي گهڻا خواهش رکندا آهن.

22. سلو اهو جو انگورڻ پلو.
- سٺي شَي بنياد کان ئي بهتر هوندي آهي.

23. پريءَ ٻير هيٺ بک مرڻ.
- وس ۾ هوندي فائدي کان محروم رهڻ وارو بدنصيب ئي چئبو.

24. در تي ٻير نہ ليي نانءُ باغ شاهہ.
- سڄو ماڻهو اجاين ٺٺاڪن مان جهٽ ظاهر تي پوندو آهي.

25. ملڪ ۾ ڏيڏ کجور ميان ليٽي باغ ۾.
- ڪوڙيون ٺٺاڪون ڪلڻ هاب ڪنديون آهن.

# 32

## پاڻي - درياءَ ۽ وسيلن بابت

1. لٺ لڳي پاڻي جدا نہ ٿئي.
- اختلافن يا جهيڙن سان مٽي ماڻٽي ڪانہ ٽٽندي آهي.

2. پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهڻ نہ گهرجن.
- مناسب موقعي جي انتظار ڪرڻ کپيءَ ان کان اڳ ۾ بي صبر نہ ٿجي.

28. مينهن پوندا تہ گهون ٻہ ٿينديون.

• جتي فائدو پوندو اتي ڪجهہ تڪليف ڏسڻي پوندي.

29. جڏهن جا مينهن تڏهن جون چڪون.

• جڏهن مسئلا پيدا ٿيندا تڏهن ڪونہ ڪو حل بہ ڪڍي وٺنداسون.

30. سانوڻ جو مينهن ڏاند جي هڪ سڱ تي وسي تہ ٻئي تي ڦڙي ڪانہ پوي.

• سانوڻيءَ جي ٻي پروسي مينهن مان ساري ٻنيءَ ڪي ريج اچي ڪونہ سگهندو يا ڪنجوس جي سخاوت مان گهرجائو جي نالي ماتر گهرج بہ پوري ڪانہ ٿي سگهندي.

31. سانوڻي ايندي آهي سونا سڱ ڪري هجي ڪو مرد جيڪو جهليس.

• سوني وجهہ مان بہ رڳو باهمت ماڻهو فائدو وٺي سگهندا آهن.

32. ڏڪڻا مينهن نہ وسي، وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڏڪ نہ هٽي، هٽي تہ توڙي.

• ڊڄڻو ماڻهو گهڻو ڪري وڙهندو ڪونہ، پر جي وڙهندو تہ سوچي سمجهي وار ٿي هڪڙو ڪندو، جيئن مقابلو ڪندڙ وري نہ اٿي سگهي.

33. سياٽي مينهن نہ پيو تہ ڇا ٿيندو؟

• بد انديشي جو ڪوبہ جواب ٿي نٿو سگهي. شاڪي ڪي يقين ڏيارڻ يا اطمينان ڏيارڻ مشڪل آهي.

34. ڪاروڻيار هيڻئين ڦاڙ- اُڇڪار وسڻ هار.

• عمل ڪندڙ اجايو ڏيکاءُ نہ ڪندو آهي.

35. پاڻيءَ تي ڇٽُ ڪونہ بيهندو.

• ڪوڙ ڪي ڪڏهن بہ جتاءُ ناهي.

36. ٿُرهي بہ تَرجي پاڻڻي بہ سڏجي.

• پاڻ بہ همت ڪجي ٻئي ڪي بہ مدد لاءِ سڏجي.

37. ٻيڙيءَ چاڙهي ترا نہ ڪڍجن.

• اعتبار ويهاري ڌوڪو نہ ڏجي.

38. مالڪ وڃي ٻيڙيءَ چڙهيا شاهد وڃن غوطا کائيندا.

- ڪوڙي ساک وارا ماڳهين ڏچي ۾ پوندا آهن.

39. ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو پير رکي تنهن جا چڏا ڦاٽن.

- هڪ ئي وقت ۾ ٻہ ڪم سرانجام ڪونہ ٿيندا.

40. نٿن ٻہ ٽڪي ڳڙ ٻہ منو.

- لالچ جي ٻہ لوري جيءَ جو ٻہ جوکو.

# 33

## سج - چنڊ ۽ ڏينهن

1. هڪ سج ٻہ پاڇا.

- انسان سدائين هڪ حالت ۾ نہ رهندو.

2. سج اکين پيو ڏسجي.

- ڳالهہ پڌري پٽ پٽي آهي.

3. سج ڪاري هينيان ڪو لڪي سگهندو ڇا؟

- سچ کي لڪائڻ هڪ بي سود ڪوشش آهي.

4. سج اڀري ڪانپوءِ اونداهہ ڪانهي.

- چٽي ڏينهن ۾ سڀ ڪم آسان آهي.

5. سج لٿي ڪانپوءِ اوڀر ڪانهي.

- حياتي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ دنيا جا معاملا ڪهڙا؟

6. سِر ڪانپوءِ سج اڀري تہ ڇا، نہ اڀري تہ ڇا؟

- پنهنجي زندگيءَ کان مٿي پيو ڪجهہ ٻہ نہ آهي يا مئي ماڻهوءَ لاءِ دنيا جا ڪم ڪار ڪابہ حيثيت نٿا رکن.

7. جنهن اڀرندي نہ تاءُ ڪيو، سو لهندي ڪهڙو تاءُ ڪندو؟

- جنهن شروعات ۾ سجاڳي نہ آندي سو آخري وقت ۾ ڪهڙو ٻوٽو ٻاريندو.

8. پرايو ماري اُس ۾ ويهاري پنهنجو ماري جانوَ ۾ ويهاري.

- پنهنجي مائٽ کي وري ٻہ قياس ايندو.

41. زور ڪٿي ٻٽيھ رانديون ۽ انگ ڪٿي اٺيھ رانديون.

- هي پهاڪو اڪثر ملھ جا پهلوان ڏيندا آهن، يعني راند ڪٽڻ ۾ طاقت ڪانسواءِ اٽڪل يعني (انگ بازي) جو اچڻ بہ ضروري آهي.

42. آسي مت ڪسي.

- وڏي عمر يا پوڙهپڻ ۾ عقل ڇڏائجي ويندو آهي.

43. ڪوٽو سڪو ۽ انڌو نينگر هڻ ٽڪائي ۾.

- پاڻ تان بار بہ لاهجي ۽ ٽورو بہ ڪٽائجي.

44. زورآور جو ستين ويهين سؤ.

- طاقتورناجائزکي بہ جائزمڃائيندوآهي.

45. لک مري لکپال نہ مري.

- سخي زنده هوندو تہ سخاوت ڪانہ ويندي.

46. سٿو وڃائجي پر ساءُ نہ وڃائجي.

- مالي نقصان ڀلي برداشت ڪجي پر دوستيءَ جهڙي قيمتي وٿ هٿان نہ ڇڏجي.

47. پئسي بنا پرساد هُرو ڏئي نہ هٿ ۾.

- پنهنجي پئسي سواءِ ثواب بہ نٿو ڪمائي سگهجي.

48. اُٺ بہ ناٿو ويهہ بہ ناٿو ناٿي بنان نَرُ ويڳاٿو.

- پئسي ڪانسواءِ ڪوبہ ڪم نٿو ٿئي.

49. پائيءَ تي پڪائي پر نوٽن تي ناداني.

- ٿوري فائدي لاءِ گهڻو احتياط ڪرڻ ۽ وڏي نقصان جي پرواهہ نہ ڪرڻ يقيناً بيوقوفي آهي.

50. جتي ڪلدار رهي اُتي ڪرتار نہ رهي.

- جنهن پئسي جي لالچ ڪئي تنهن کي ڏٿيءَ جو خوف نہ رهندو.

# 35

## جدا جدا وٺون

1. ٽڏو لوهہ ڪٽڻ مان نڪي وري نڪي سري.
   - وجهہ وڃائڻ ڪانپوءِ نڪي وري نڪي سري.
2. ڪاتي هٽيس تہ رت قڙو نہ نڪريس.
   - ڏک ۽ شرم ۾ صفا ٻڏي ويو.
3. لعل بہ ليي ۾ پربت بہ رهجي اچي.
   - ڪم بہ نڪري ۽ محبت ۾ بہ فرق نہ اچي.
4. موتيءَ جي اڳيان سپ جو ڪهڙو قدر آهي؟
   - مٺادار ۽ قيمتي شَي جي سادي سودي شَي سان ڀيٽ ڪرڻ اجائي آهي.
5. ڏوڏيءَ ڪي بہ پتو آهي.
   - نيچ يا گهٽ درجي جي ماڻهوءَ کي بہ ڪونہ ڪو شرم ضرور پوندو آهي.
6. رک جا چٽا آنڌا چيرين.
   - ڏکين ڳالهين ۾ پاڻ اٽڪائبو تہ تڪليفون بہ ضرور جهوريند يون.
7. سوڙهي سياندڙيءَ وهنوار نہ ڪجي.
   - ويجهي مائٽيءَ ۾ ڏيتي ليتي اجايو نفاق پيدا ڪندي آهي.
8. صبر جني جو سير تير نہ گسي تن جو.
   - صبر ڪندڙ جي حق ۾ سدائين سٺو نتيجو نڪرندو آهي.
9. نير جو ٽڪو لهي مگر گلا جو ٽڪو نہ لهي.
   - بدناميءَ جو داغ ڪڏهن بہ ڪونہ ميٽجي سگهندو آهي.
10. رات ٿوري ساٽ گهڻا.
    - مهل ٿوري ۽ ڪتراڳ اجايا گهڻا.
11. ڪک هينيان لک پيو آهي.
    - ڪنهن شَي کي بہ حڪمت کان خالي سمجهڻ نہ گهرجي.
12. وڏي واڙي تہ لڳي ياڳ.
    - جيئن جماعت وڏندي تئين ڪم آسان ٿيندا.

13. رڳو ٻاهريون ٻنو آهي.

- فقط ڏيکاءُ آهي. ظاهري ڪجهه ۽ باطن ٻيو ڪجهه.

14. ڏنو ٻنو آهي.

- سخاوت يا حاجت روائي ڪرڻ سان خود کي فائدو رسي ٿو.

15. ٻونگي سوڙهي پڙوا گهٽا.

- لالچ جي ڳالهه تي گهڻا ماڻهو مڙي ايندا آهن ۽ ان ۾ پيل ٻيڙائيءَ ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان نه ويندو آهي.

16. ڏني سيڻ تنهنجي ڳهاٽي سرنهن.

- ڪنهن جي اجائي چڪَ مڙسي يا ڪوڙين دعوائن مان بيزار ٿي چوندا آهن. سڪٽي ماڻهوءَ تي پاڙڻ مان اجائي خفتگيءَ سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

17. سونُ سَنو ورهين ٻه سوايو.

- سٺي نج شَي يا اصيل وقت گذرڻ سان پنهنجي وقعت ڪونه وڃائيندو.

18. رت ڏسي رمي هٽجي.

- پڇت ڏسي طلب ڪجي.

19. رسو هيٺي هنڌان ٽٽندو.

- بي اتفاقيءَ ۾ ڏار وجهڻ سولو لڳندو آهي.

20. پٽ بنياد تي ويندي آهي.

- ننڍي هوندي جي مليل سکيا ئي وڏي هوندي سٺو يا خراب انسان بنائي ٿي.

21. پٽر پنهنجي جاءِ تي ڳرو آهي.

- پنهنجي ثَر ۾ هرڪو هستيءَ وارو آهي يا پنهنجي اڏي تي هرڪو قدر رکي ٿو.

22. ثَر کان اڳ ٻَرُ نه ڪائجي.

- فائدي ملڻ کان اڳ ۾ موڙي نه کپائجي.

## مشاهدا ۽ تجربا

1. پلان پليءَ جو ڇيھ ڪونہ آهي.
2. پاڇي پنيان ڪيترو ڊوڙبو؟
3. چڱا ڪن چڱايون مٺايون مَٺن.
4. هڏي تي هوڙ آهي.
5. غريب نہ ڄائو چڱو نہ مُئو چڱو.
6. هوند تي هونگار ٿيندي آهي.
7. بد ڪان بدنام برو.
8. آسمان ڏي ٿڪ اڇلبي سا منهن ۾ پوندي.
9. ڪنهن بہ پنهنجي پٽ ورائي ڪانہ ڏني آهي.

- زندگيءَ جي هر شعبي ۾ قباحت خواه خوبيءَ ۾ هڪ ماڻهو ٻئي کان ضرور وڌ نڪرندو.
- پهچ کان ٻاهر شيءِ جي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش اجائي آهي. يا خيالي شيءِ پويان لڳڻ مان ڪي ڪين ورندو.
- نيڪ ماڻهن جي هٿان نيڪيون ٿين ۽ بدڪارن جي هٿان بيڇڙايون.
- مال ملڪيت تي ڇڪتاڻ آهي.
- غربت ۾ چؤ طرف رڳو ڏک ئي ڏک سَهڻا پون ٿا.
- جيترو ڪمائي جا وسيلا ججها هوندا آهن اوترو گهڻو خرچ ڪرڻ جو سوچبو آهي.
- صرف بدنام ٿيل ماڻهو، هر هنڌ ٻرن ڪمن جي نسبت سان ياد ڪيو وڃي ٿو، پوءِ ڪٿي ڪاٿس وڏيڪ ٻيا بيڇڙا ماڻهو ڇو نہ پيا هجن.
- شان ۾ گلا ڪرڻ سان ڪنهن جو ڪجھ بہ نہ بگڙندو، اُلٽندو گلا ڪرڻ واري جي گهٽتائي ٿيندي.
- آئيندي جي ڪنهن کي خبر ناهي.

36. وقت گهڙيءَ جا گهڙيال آهن.

- حالت ڪڏهن ٻه بدلجي سگهي ٿي، قسمت بدلجڻ لاءِ ڪو عرصو درڪار نہ هوندو آهي.

37. لاچار ڪي سيڪجهہ روا يا لاچار ڪي ڪهڙو آچار؟

- مجبوري انسان کي ڪو بہ بڇڙو ڪم ڪرائي سگهي ٿي.

38. سنگ جو پُرسنگ.

- سنگتين يا صحبتين مان ماڻهوءَ جي پرک ملندي آهي.

39. سَنُ ڳولي سَن کي.

- هر ڪنهن کي پنهنجي هم عمر جي صحبت مان مزو ايندو آهي.

40. جيسين ساس تيسين آس.

- مرڻ تائين انسان اميد هٿان نہ ڇڏيندو آهي.

41. مارڻ واري کان بچائڻ وارو ڏاڍو آهي.

- حياتي آهي تہ انسان وڏي حادثي کان بچي رهندو.

42. جو ڊوڙندو سو ٿڪبو.

- اجايو پاڻ پتوڙڻ سان جلدي همت هاري ويهندو.

43. جيترو پوءِ تيترو ڊءُ.

- محتاط ماڻهو هميشه بي فڪر رهندو آهي.

44. جنهن تن لڳي سو تن ڄاڻي.

- مصيبت يا بيماريءَ جي تڪليف جو ٻئي فرد کي ڪهڙو احساس؟

45. تنهنجو سو منهنجو، منهنجي هٿ نہ لاءِ.

- ڪنجوس ماڻهو ٻئي جي شَي ۾ طمع رکندو پر پاڻ ڪنهن کي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏيندو.

46. ٻڏڻ ويو وسري لڏڻ آيو ياد.

- بي شرم ماڻهو پنهنجي بي عزتيءَ کي بہ ناموس ڪري پيو ٻڌائيندو. گهٽتائي کي وڏائي بيان ڪري محض پنهنجو شرم پرچائيندا آهن.

47. دير پيا درست ٿيا يا دير آيد درست آيد.

- ڪڏهن دير بہ راس اچي ۽ ڪم ٿيڻ جو سبب بڻبي آهي.

48. اڳياڙي تنهنجي سَرهي جنهن جي پڇاڙي سَرهي.

- ڪم اهو چڱو جيڪو خوش اسلوبيءَ سان پورو ٿئي يا جنهن عافيت سان آخري عمر جو دور گذاريو تنهن جي ڄڻ ته ساري حياتي سجائي ٿي.

49. ڏاڍي تي ڪاوڙ چڙهي ڪانه هيٺي تان ڪاوڙ لهي ڪانه.

- بزدل ڪمزورن تي ڏاڍ ڪري پنهنجي همت ڏيکاريندو.

50. جيڏو ادب تيڏو نصيب يا با ادب با نصيب بي ادب بي نصيب.

- اخلاق وارو ماڻهو ئي وڏي درجي تي پهچي سگهي ٿو.

51. هيٺي هنڌان واڙ ڀڃي.

- نا اتفاقي نقصان هيٺ آڻيندي آهي.

52. جهڙو لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ.

- جهڙي حالت آڏو اچي تهڙو رخ اختيار ڪجي.

53. بک بڇڙو تول دانا ديوانا ڪري.

- سڃائيءَ جي حالت ماڻهوءَ منجهان چڱي مٺي جي سڃاڻ ڪڍي ڇڏيندي آهي.

54. ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾.

- غم ۽ خوشيون گڏوگڏ انسان سان آهن.

55. پنهنجو عيب به هنر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

- پنهنجي خاميءَ کي به خوبي سمجهبو آهي.

56. گهٽي ۾ گهٽي گهرجي.

- جيتري شَي يا دولت ججهي اوتري ان جي گهرج به گهٽي وڌندي.

57. سوال ڪان صرفو چڱو.

- اجائي گهر گهر کان پنهنجيءَ مان پورائي ڪجي. جنهن ۾ عزت به آهي.

58. جو سنئون چوي سو سور پرائي.

- سچ چئي ڏيڻ وارو هميشه تڪليفون ڏسندو آهي.

59. قرض وڏو مرض.

- قرض هڪ خطرناڪ بيماري آهي.

60. ننڊ نه ڏسي سيج پلنگ. بک نه ڏسي ٻوڙ پلاهه.

- گهٽي ننڊ ۽ بک لڳڻ جي صورت ۾ ماڻهو انتظار ڪري ڪونه سگهندو آهي.

61. ڪري ڪير نہ پري.
- برائي ڪندڙ کي هر حال ۾ برائيءَ جو بدلو ملي ٿو.

62. جنهن جو کائجي تنهنجو ڳائجي.
- زماني جو دستور آهي تہ جنهن وٽان فائدو ملندو ڪڻ بہ ان جا ڳائيا.

63. ڏچ انهيءَ جي ڏاءُ جنهن جي وائيءَ ۾ وڙ َ گهٽا.
- جيڪو شخص منهن تي الي وجي يا پنهنجي ڳالهہ تان ڦري وجي سو خطرناڪ ڇٻو آهي.

64. پنهنجي تن جي ڦرڙي ئي ستائيندي آهي.
- پنهنجي ماڻتن مان ئي ڏک رسندو آهي.

65. حرڪت ۾ برڪت آهي.
- لاڳيتو عمل فائدو پهچائيندو آهي.

66. هيٺا هر ڪنهن وهيٺا.
- بيڪس يا مسڪين تي هرڪو آڪڙبو آهي.

67. سخيءَ ڪان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب.
- ڪوڙي آسري ۾ رکندڙ وڏيڪ برو آهي.

# 37

## نصيحت

1. گهڻي ڪاڏي ڪان گهٽو ڏٺو ڀلو.
- گهڻو ڪاڏو صحت لاءِ هاڃيڪار آهي پر سير ۽ تفريح صحت لاءِ فائديمند آهي.

2. کائجي پيٽ سهائيندو ۽ پهرجي لوڪ سهائيندو.
- کاڌو اهڙو کائجي جو دل کي وڻي ۽ لباس اهڙو پهرجي جو عام کي پسند اچي.

3. راند هميشہ رس ۾ ڇڏجي يا ميلو متل ڇڏجي، دوست پرتل ڇڏجي.
- هر ڪم جي پڇاڙي خوشگوار ٿيڻ گهرجي.

# 38

## محاورا

| | |
|---|---|
| 1. اڻ گهڙيو ڪاٺ. | • ناتجربيڪار - بيوقوف. |
| 2. اک جي ماڪي. | • آسان ڪم. |
| 3. اک ڪڙو نم ڪڙي. | • ڏئي نہ وٺڻ نہ پائڻ گهرڻ. |
| 4. انڌي ڪمائي. | • بي شمار ڪمائي. |
| 5. انڌي جي لٺ. | • واحد سهارو. |
| 6. اڌاري پاڇي. | • قرض حسنہ. |
| 7. اڳڙين جو ڳڏو. | • جنهن مان ڪو ڪم نہ ٿئي. |
| 8. الٽي گنگا. | • برعڪس يا ابتڙ - ابتي پرَ |
| 9. اوپاريون لهواريون. | • هتان هتان جون ڳالهيون. |
| 10. اکين پورُ يا اکين ڍَڪُ. | • بي شرم ماڻهو. |
| 11. اٺ ڪاٺيو. | • ڏکيو يا مشڪل ڪم. |
| 12. بادو بي ميار. | • دنيا داري يا تعلقداريءَ کان بي پرواهہ شخص. |
| 13. باغ جي موري. | • خسيس شيَ - شمار ۾ نہ آڻڻ جهڙي. |
| 14. ٻہ هٿ ٻہ پير. | • هوبهو هم شڪل. |
| 15. ٻڪر ٻوساٽ. | • وٺ وٺان - دبڙ ڌڙونس. |
| 16. ٻاجهہ جي ٻڪي. | • الله جو ڪرم. |
| 17. پوک بصر. | • صفا آحمق. |
| 18. پاڙي جو ٽٽون. | • پنسي تي وڪامندڙ. |
| 19. تاجيءَ پيٽي پَٽُ. | • بنيادي طرح خالص. |
| 20. تيليءَ مان ٿنب. | • ڳالهہ مان ڳالهوڙو، ٿوري ڪمان مان گهمسان. |
| 21. ترىءَ تي بهشت. | • سڀ ڪجهہ تيار گهرڻ. |

| | |
|---|---|
| 90. منديءَ تي ٽڪ. | پڪي پختي ڳالهہ نهڪندڙ يا نڪيل نوڪيل ڳالهہ. |
| 91. مهيءَ لُڙ. | گوڙ گهمسان. |
| 92. نانيءَ ويڙهو يا نانيءَ ڳوٺڙو. | سيٺي پاڻ ۾ صلاحي. |
| 93. نہ جيئرن گڏ نہ مئن گڏ. | اهڙو شخص جيڪو هوش حواسن ۾ نہ هجي. |
| 94. نظر ڏنياٽي. | پاڻ تان بلا ٽارڻ لاءِ ڪجهہ ڏيڻ. |
| 95. نہ کهڻ جو نہ ڏهڻ جو. | نڪمو شخص. |
| 96. وات ڳاڙهو ڇوڪر. | نا پختہ نوجوان. اجايو سجايو ڳالهائيندڙ ڇوڪر. |
| 97. وات وڪيل. | پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻ لائق. |
| 98. هانءَ جو ڏيو. | دل جي قوت. |
| 99. هوندي تي هونگار. | آمدنيءَ تي دارو مدار. |
| 100. هوند نہ شڪر. | بي فائدي. |
| 101. هٿ جو ميرو. | چور. |
| 102. هٿين تي پرتا. | اکين سامهون ڪرشما. |
| 103. نود ۾ سوئو. | ضدي تي ڪابہ هدايت اثر نہ ڪندي آهي. |

## 39

## گفتارون

| | |
|---|---|
| 1. اجا ڪي آهين ڪلجگ ۾ ڪاپڙي! | هن نفسانفسيءَ جي زماني ۾ بہ ڪي سچا انسان پيا آهن، جن جي نيڪين باعث دنيا قائم آهي. |
| 2. اگهير ڪانو ڪج ماڻڪن موتين تي! | هن قدر نا شناس زماني ۾ لائق انسان تہ بي مانا ٿي مونٽدا آهن پر نالائق جتي ڪٿي پيا نوازجن. |

9. تيسين ڀڳي سان نه پير، جيسين رتو راس ٿئي!

- مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪو آدم ڪجهه سو چڱو يا جيستائين ڪم راس نه ٿئي تستائين ٿوري گهڻي تي به راضي ٿيڻ گهرجي.

10. تتي ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي!

- هيءَ دنيا جهد و بقا ءَ ڪشمڪش جو مقام آهي، ان ڪري سستيءَ کي ڦٽو ڪري هردم ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي ۽ ڪهڙيون به ڪٺي رنڊڪون اڏو اچن، ته به اٽل ارادي سان قدم اڳتي وڌائيندو رهڻ کپي!

11. تان تان پنڌ نه ٿئي، ڏکيون جان نه مڙن!

- مٺي جو اجر تڏهن ٿيندو، جڏهن ڏکويل سيٺي هڪ هنڌ اچي مڙندا يا جڏهن مصيبتن جا ماريل متحد ٿيندا تڏهن ڪا بيداري اچي سگهندي يا انقلاب اچي سگهندو.

12. ٽيڏو پسي ٽي، هوت آهي هڪڙو!

- هر مقصد تائين رسڻ لاءِ راهه عمل به سنئين سڌي مقرر ٿيل هوندي آهي، پر جيڪڏهن ڪو منجهي ٻيون راهون يا وسيلا اختيار ڪري ٿو اهو سندس بي سمجهيءَ جو ڏوهه آهي يا ڪائنات کي خلقيندڙ رب تعاليٰ جي واحد هستي آهي، پر جيڪڏهن ڪو شڪ ڪري ٿو، ته اهو سندس بي شعوري جو دليل آهي!

13. پيو جو پاتار سو ڪيڻ پسڻ کان پالهو رهي!

- دنيا حرص و هوس ۽ نفسياتي خواهش جو هڪ کُن آهي، جنهن مان پنهنجي دامن پسائڻ سواءِ صحيح سلامت نڪري اچڻ نهايت مشڪل آهي يا اعليٰ مقصد لاءِ جدوجهد جي راهه اختيار ڪرڻ سان تڪليفن کان پاڻ بچائي نه سگهبو.

14. پنهون ٿيس پاڻ ته سسئي تان سور هٽا!

- انسان ۾ جڏهن خودشناسي پيدا ٿئي ٿي تڏهن حياتي جو مقصد سمجهڻ توڙي ماڻڻ هن لاءِ آسان ٿيو پوي. يا طريقت جي راه تي هلندڙ سالڪ جو مشڪل تڏهن آسان ٿيو وڃي، جڏهن کيس معلوم ٿي وڃي ٿو، ته رب تعاليٰ جو جلوو انسان جي پنهنجي اندر ۾ ئي موجود آهي!

15. پوکين تان پوک جيسين پاڻي اٿئي ٻار ۾!

- جيستائين سسيءَ ۾ ساهه آهي يا جان ۾ قوت هجي تيستائين چڱي نتيجي خاطر انسان کي محنت ۽ رياضت ڪرڻ جڳائي.

16. پورهئي هٿ سڪار، تو وس آهن هٿڙا!

- محنت جي ڦل سان سرهائي ايندي آهي.

17. پاڻيءَ اتي جهوپڙا مورک اڄ مرن.

- مقصد کي ويجها هوندي به جيڪڏهن ان تائين رسي نه سگهن ته آهي ضرور بي وقوف چٽا!

18. پلئه پايو سچ آچيندي لڄ مران!

- اڻ ڄاڻ يا بي شعور ماڻهن اڳيان حق ڳالهه چوڻ سان پشيماني کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

26. جو دم غافل سو دم ڪافر!

- غفلت ۾ گذرندڙ پل زندگيءَ جو زيان آهي. رب جي يادگيريءَ بنان جو وقت گذري سو زندگيءَ جونقصان سمجهڻ گهرجي.

27. جو وڙ جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

- وڏي ظرف وارو ماڻهو پنهنجي اخلاقمندي ڏيکاريندو پر ننڍڙي ظرف وارو چڱي اخلاق سان پيش نہ ايندو.

28. دنيا سپ دريا ڪو ڪو تارو تنهن ۾.

- گهڻا ماڻهو پاڻ کي رڳو اجاين ڪنڌن ۽ خسارن ۾ منجهايو ويٺا آهن يا فروعي ڳالهين ۾ غرق ٿي پيا آهن، پر ڪي ٿورا انسان اهڙا آهن، جيڪي ذات ڪان مٿيرا ٿي، ڪائنات جي تخليق تي سوچ ويچار ڪن ٿا ۽ پنهنجي عمل ۾ راسخ ثابت ٿين ٿا.

29. ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين!

- پنهنجي ديس ۾ رهندڙن سان دل لڳائڻ ئي بهتر آهي، ڇو تہ پرديسي ٿورو وقت رهي هليا ويندا ۽ ناتو نڀائي نہ سگهندا.

30. ذات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي!

- سيڪو پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان مانَ مرتبو لهي ٿو، آن ۾ ذات پات جي وڏائي هرگز درڪار ناهي. يا رب تعاليٰ جي درگاهہ ۾ پنهنجي بندگيءَ تقوا ذريعي رتبو حاصل ڪري سگهي ٿو، ۽ اُتي ذات پات يا خانداني نسبت ڪابہ اهميت نہ ٿي رکي.

37. سمر جن نہ ساڻ، هوت حمايتي تن جو!

- مقصد لاءِ جيڪڏهن سچي محبت آهي، تہ پوءِ ظاهري اسباب جي کابہ ضرورت ڪانہ پوندي. مقصد خود جدوجهد ڪندڙ اڳيان وڌي ايندو ۽ هر ڪا مشڪلات رَئي تي ويندي.

38. سچڻ ۽ سائيهہ ڪنهن اٿاسريءَ وسري!

- اهڙو ڪو بي شرم انسان هوندو، جو پنهنجي دلي دوست يا وطن کي وساري ويهي رهندو آهي.

39. سٽا سي سونهن ننڊ عبادت اُن جي!

- دلي مراد ماڻڻ لاءِ هميشه ڪوشش ۽ اُدم ڪندو رهڻ گهرجي. جنهن انسان آڏو نصب العين هوندو، تنهن جي هرڪا حرڪت ۽ فعل عبادت آهي، جو تہ هو دائما جستجو ۾ رهي ٿو.

40. سوري آ سينگار اصل عاشقن جو!

- عمل، جدوجهد ۽ قربانيءَ جي سهڻين وصفن سان عاشق پنهنجي زندگيءَ کي با معنيٰ بڻائين ٿا. مقصد جي واٽ ۾ هرڪا تڪليف سهي وڃڻ ۽ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ سچن انسانن جو شيوو آهي.

41. سهسين سائر ٻوڙيون منڊ ٻوڙيو مهراڻ!

- بعضي طاقتور انسان بہ مقصد ۾ حائل رڪاوٽن کان ڏڄي پئجي ويندا حن، پر ڪي ناتوان مگر ارادي جا اٽل انسان نيٺ وڃي توڙ رسندا آهن ۽ اهڙن انسانن جي راهہ تان مشڪلاتون پاڻهين پاڻ کي نچ سمجهي دور ٿي ونديون آهن.

42. سڏڙيا شراب جون ڪوه پچارون ڪن؟

- اعليٰ مقصد جون سڌون ته هرڪو ڪري سگهي ٿو، پر ان تائين پهچڻ سچي با همت انسان جو ڪم آهي.

43. لکيو منجهه نراڙ قلم ڪياڙيءَ نه وهي!

- هرڪو انسان پنهنجي مقدر جو لکيو ڀوڳي ٿو، ڪيتريون به تدبيرون ڪٿي ڪجن، ليڪن پنهنجي قسمت ڪو به مٽائي نٿو سگهي.

44. لوچين سي لهن جڏهن ڪڏهن هوت ڪي.

- جيڪو انسان اڻ ورچ ٿي، مقصد کي حاصل ڪرڻ پويان لڳي ٿو، سو ضرور ڪامياب ٿئي ٿو.

45. لهوارو لوڪ وهي تون اپو وه اوبار!

- عام ماڻهو زماني جي انڌي تقليد ڪندا رهن ٿا عقلمند انسان کي گهرجي ته زندگي گهارڻ لاءِ هڪ چونڊيل واٽ اختيار ڪري جيڪا صحيح معنيٰ ۾ شعور جي راهه هجي ۽ اهوئي ڪائنات جي تخليق جي منشا آهي.

46. لوڪان نحو و صرف مون مطالع سپرين!

- ماڻهو "علم" جي ظاهري ڏٺي حاصلات ۾ ئي غرق ٿيا پيا آهن. پر علم خود نه نڪو نفعي بخش آهي ۽ نه وري غير نفعي بخش ٿيندو آهي. فقط ڪو مقصد ئي ان جي عظمت جو باعث بڻبو آهي. علم جا سچا عاشق اهي آهن جيڪي نه رڳو ان کي پرائين ٿا پر هنئين سان هنڊائين به ٿا. يعني ته هو خدا تعاليٰ جي معرفت ۽ عرفان کان به غافل نه ٿا رهن، جتان ئي سڀ علم ڦٽي نڪتا آهن.

47. ڪيتم سپ چمار، پر پاندي پوري ڪانہ ٿي!

- سچي حياتي انسان پنهنجي نفس کي راضي ڪرڻ جون ڪوششون ڪري ٿو، پر ان جون خواهشون پڇاڙيءَ تائين بہ ختم نہ ٿيون ٿين!

48. ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن.

- انساني ڪيفيت هڪجهڙي نہ رهندي آهي. ڪڏهن حالتون حوصلو ڏيڪارينديون آهن تہ ڪڏهن مايوسي.

49. ڪڏهن ڪانہ سُئي تہ سگهي ڳڏي سڄڻين!

- تڪليفون ۽ مشڪلات پوڻ سواءِ ڪڏهن بہ زندگيءَ جو اعليٰ مقصد حاصل ٿي نہ ٿو سگهي.

50. ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙهہ مقام ۾!

- ڪلهہ جو شخص گلن جو هارپائي، حياتيءَ جو اوج ماڻڻ لاءِ سينگاريل سيج ڏانهن آسهي رهيو هو. اڄ ان جو مڙهہ گلن سان سينگارجي، مقام ڏانهن لَڏجڻ لاءِ وڃي رهيو آهي. هار جيڪي خوشيءَ جي علامت هئا سي غم جي علامت بڻجي پيا ۽ خوشيءَ ۽ غم ۾ مفاصلوءَ فرق بلڪل مٽجي ويو. زندگي جيڪڏهن ايتريقدر بي ثبات ۽ بي حقيقت آهي، تہ پوءِ ان تي نازءِ غرور ڪرڻ بہ اجائي ڳالهہ آهي!

51. گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا!

- سِر ترىءَ تي رکي هلندڙ جوڌا ۽ آبروءَ خاطر جيئندڙ انسان هميشه ميدان ڪار زار ۾ سرگرم عمل هوندا آهن. هو عارضي حياتي تي اصولن کي ترجيح ڏيندا آهن. سندن دنيا ۾ رهڻ جو عرصو جيتوڻيڪ ٿورو هوندو آهي، پر هو عظيم قرباني ڏئي، پنهنجي وجود کي ڪارگر ثابت لهندي حيات جاودان ماڻين ٿا.

52. منڊي ماڪوڙي ڪوهه ۾ پئي ڪيچي اُپ!

- وڏي ڄاڻ جي دعويٰ رکڻ جي باوجود ب انسان جو علم ۽ عقل تمام محدود آهي. خالق جي حقيقت يا ڪائنات جي ماهيت معلوم ڪرڻ لاءِ تہ جيتري ب ڄاڻ نہ اٿس!

53. مرٽا اڳي جي مٽا سي مري ٿيا نہ مات!

- جن انسانن پاڻ کي مقصد ۾ فنا ڪري ڇڏيو، تن کي موت ڇا فنا ڪري سگھندو؟ يعني تہ انسان ذات جي ڀلائي ۽ چوٽڪاري توڙي علم ۽ ذهن جي واڌار لاءِ جيڪي ماڻهو حياتيون صرف ڪن ٿا يا سچ جي واٽ تي سفر ڪندي، جيڪي جانيون قربان ڪن ٿا، سي اصل ۾ مرندا ڪونہ آهن، بلڪ انهن کي حياتِ جاودان ملي ويندي آهي.

54. مفتي منجھہ ويهار تہ قاضي ڪانئيارو نہ ٿئين!

- ضمير ئي سڀ کان وڏو منصف آهي، جيڪڏهن اهو بيدار آهي ۽ مٿل ناهي تہ انسان کي حق ۽ باطل پروڙڻ ۾ ڪابہ مشڪل نہ ايندي ۽ سندس هر فيصلو ۽ عمل پاڻهينءَ پاڻ انصاف ڀريو ٿي ويندو، ڪيس پوءِ ڪٿي بہ شرمسار ٿيڻو نہ پوندو.

55. نينهن نياپي نہ ٿئي سڏين سيڻ نہ هون!

- ٿلهي شوق ڪرڻ سان مقصد تائين پهچي ڪونہ سگهبو. نہ وري هِن هُن جي آسري ڪيڻ مان ڪجھ ورندو سرندو. جيڪو سچي سڪ رکندو هوندو، سو پنهنجي سِر جستجو ڪري جهد پٽي نيٺ وڃي منزل تي رسندو.

56. واڪا ڪرڻ مون وس ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو!

- بي وس ماڻهو جو ڪم آهي فرياد ڪرڻ باقي عرض اگهائڻ اختيار واري جي وس آهي.

57. دين ملا في سبيل الله فساد!

- ڪن ماڻهن جي فطرت بي سود ڳالهين تي هرويرو جهڳڙو پيدا ڪرڻ هوندي آهي. اصل ۾ علامہ اقبال جو شعر هن ريت آهي.

دين ملا في سبيل الله فساد
دين مومن فڪر تدبير جهاد.

58. يا رهجي پرين وٽ يا ڪجي پرين پچار!

- دوست سان گڏ نہ رهجي تہ بہ ان جي يادگيري دل ۾ ضرور هڻڻ گهرجي.

59. طمع سندو طس پريو پرجي ڪين ڪي!

- لالچ اهڙي بري بلا آهي جو جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهندي آهي.

60. واريءَ سندو ڪوٽ اڏي اڏبو ڪيترو!

- فاني دنيا لاءِ اسباب گڏ ڪرڻ اجايو ڪم آهي.

61. ڦڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن امر ٿئي ان ڪي!

- انسان جون ڪوششون ان وقت صاب ٿيو پون جڏهن قدرت بہ ساٿ ڏئي ٿي. يا مريض ڪيڏيون بہ دوائون وٺي پر شفايابي فقط الله جي حڪم سان ٿيندي آهي.

15. وقت ۽ لهرون ڪنهن جو انتظار نٿيون ڪن.
- Time and Tide wait for none.

16. روم هڪ ڏينهن ۾ ڪونہ جڙيو هو.
- Rome wat not built in a day.

17. جتي چاهہ تتي راهہ.
- Where there is a will their is a way.

18. جي ڏاڙهيءَ ۾ بزرگي هجي ها تہ ٻڪر بہ تبليغ ڪن ها! (يعني هر ڏاڙهيءَ وارو ڪو چڱو مڙس يا معتبر ڪونہ ٿو ٿي سگهي).
- If the beard were all, the Goat might preach.

19. بهشت ۾ وڃڻ هرڪو گهري ٿو، پر مرڻ ڪوبہ ڪونہ ٿو چاهي.
- Every body wants to go to paradise, No body wants to die.

20. چينيءَ دڪان ۾ ڍڳو. (جتي سنڀالي قدم کڻڻ جي ضرورت هجي، اتي اگر ڪو جلد بازي يا ھُوڙپائيءَ کان ڪم وٺي تہ اهڙي شخص لاءِ اهو مثال ڏيندا آهن).
- A bull in a China shop.

21. شيطان جو نالو ورتو شيطان حاضر آهي.
- Talk of satan, satan is there.

22. بدڪ فقط بدڪ آهي، پوءِ ڪٿي ان کي ڪھڙا بہ نالا ڏيوس.
- A Duck is Duck what ever name you give it.

52. تکڙ ڪم شيطان جو.
- A short cut is often a wrong cut.

53. نجومت سچي پر نجومي رڳو ٺاڦوڙا هڻندا آهن.
- Astrology is true but the astro logers can not find it.

54. سستل لومڙ شڪار ڪي نہ رسندو. يا ويٺلن جون وڃون سستلن جا پاڏا.
- A sleeping fox catches no poultry.

55. ٽٽوءَ کي ٽارو تازيءَ کي اشارو.
- A word for a man and a spur for a horse.

56. سليقي دار گهر ۾ گهرجاؤ شَي ترت تيار ملندي.
- All things are soon prepared in well orderd house.

57. ڪک هيٺان لک لڪو پيو آهي يا ڪابہ شَي حڪمت کان خالي ناهي.
- All is good that God sends us.

58. ان آهي تہ ايمان آهي. يا مانيءَ جي غم اڳيان سڀ غم هيچ.
- All grief with bread are less.

59. جيڪو اڇو اڇو آهي، سو سڀ کير ناهي.
- All is not gold that glitters.

60. وهندڙ ڏڳي تي سدائين مار.
- All lay loads on the willing horse.

61. خوراڪ مڙئي کائڻ لاءِ ۽ ڪنواريون سڀئي پرڻجڻ لاءِ آهن.
- All meats to be eaten, All maids to be wed.

62. پنجئي آڱريون برابر ڪونہ هونديون آهن.
- All tongues are not made. of the same flesh.

63. مسجد ڏانهن ويندڙ سڀئي ڪي درويش نہ هوندا آهن.
- All are not saints that go to church.

64. تقدير ڦٽي جڳ رُسي.
- All the world will beat the man whom the fortune beats.

| | |
|---|---|
| • Cocks are not tobe tought in their own kitchen. | 105. دائيءَ کان پيٽ لڪي نہ سگهندو. |
| • Curst cows have short horns. | 106. خدا ٻہ سجائي سڱ ڏيندو آهي. |
| • Cut your sheet according to your feet. | 107. سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ گهرجن. |
| • Death keeps no calendar. | 108. اجل جي سڏ جو ويلو وقت نہ هوندو آهي. |
| • Diamond cuts Diamond. | 109. رڪُ کي رڪُ وڍيندو آهي. |
| • Distant drums sound well. | 110. پري جا ڍول سُهانا. |
| • Diet cures more than doctors. | 111. هڪڙي ڪري سون علاجن کان ڀلي. |
| • Distress makes strange bed fellows. | 112. ڳتيءَ مهل ماڻهو گڏهہ کي ٻہ پيرين پوندو آهي. |
| • Do as you would be done by. | 113. جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي. |
| • Do evil and look for the like. | 114. جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کٽيندو سو پاڻ ڪرندو. |
| • Do good and forget. | 115. نيڪي ڪري دريا ۾ لوڙهہ. |
| • Doing nothing is doing ill. | 116. بيڪار کان بيگار ڀلي. |
| • Dry bread at home is better than roast meat abroad. | 117. گهر جو اٽيو ڊوڍو ٻاهر جي ٻوڙ پلاءَ کان ڀلو. |
| • Each bird loves to hear himself sing. | 118. هرڪو پکي پنهنجو راڳ آلاپڻ پسند ڪندو آهي. |
| • Early pipe soon rotten. | 119. پڪل ڦل جلدي ڪرندو آهي. |
| • Early sow early mow. | 120. هڪ هٿ سان ڏئي ٻئي سان وٺ. |
| • East or west, home is best. | 121. اوڀر وڃان اولهہ وڃان گهر جهڙي جاءِ نہ لهان. |

150. ناڻ چڙهيو چور ڦاهو کائي يا برائيءَ کي بدنام جي کاتيءَ ۾ هٿڻ سولو آهي.

- Give a dog an ill name and hang him.

151. نيڪي ڪري دريا ۾ لوڙهه.

- Give a man luck and throw it into the sea.

152. خرچ کاءُ ڏئي الله.

- Give and spend God will send.

153. جهڙو منهن تهڙي چماٽ.

- Give the devil his due.

154. دم دال جو آڪڙ پلاءَ جي.

- Great beast little roast.

155. خاصا ڪپڙا ڪيسا خالي.

- Greast boast little roast.

156. جَو پوکي ڪڻڪ ڪونه لڻندو.

- Gather thistles expect prickles.

157. اڳيان باهه پٺيان پاڻي.

- Go forward and fall, go back ward and mar all.

158. همت مردان مدد خدا.

- God helps those who help them selves.

159. خدا ڪيڙيءَ کي ڪڻ ۽ هاٿيءَ کي مڻ ڏيندو آهي.

- God never sends mouths but he sends meals.

160. ڪن کي واڳڻ وائي ته ڪن کي بصر بادي.

- Good for the lever may be bad for the spleen.

161. سائين ته سائين پر سائينءَ جو گڏهه به سائين.

- Great men's servants thinks them selves great.

162. هڪ ڏينهن مهمان، ٻئي ڏينهن مهي، ٽئين ڏينهن واهجيس ونگار ۾.

- Guests and pest smell in three days.

163. هو عقل پٺيان لٺ کنيو پيو ڦري.

- He demond tribute of the dead.

164. هو پنهنجيءَ پاڇي کان ئي پيو ڇرڪي.

- He is afraid of his own shadow.

165. مزور ٿي ڪماءِ بادشاهه ٿي کاءُ.

- He gets rewards who work hard.

451. ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ هٿ به ڪارا ته منهن به ڪارو.
- Touch pitch and you will be defiled.

452. واپار ناڻي جو گهر آهي.
- Trade is the mother of money.

453. پير اچڻ تي ماڪوڙي به چڪ پائي ڪيندي.
- Tread on a worm and it will turn.

454. تنهنجو سو منهنجو، منهنجو سو منهنجو.
- The head I win the tail you lose.

455. سوني تاج وارا سر هميشه بي قرار هوندا آهن.
- Un eassy lies the head that wears the crown.

456. بري ڪم جو انجام برو.
- Vice brings its own punishment.

457. عيب لڪائڻ سان پيو نئي وڌندو آهي.
- Vice is nourished by being concealed.

458. برو ڪم سکڻ لاءِ استاد جي ضرورت ڪانه پوندي آهي.
- Vices are learnt without a master.

459. نيڪي ۽ خوشيءَ جو پاڻ ۾ لڳاءُ آهي.
- Virtue and hapiness are mother and daughter.

460. نيڪي جو بدلو نيڪي.
- Viatues is its own reward.

461. ويل وقت هٿ نه ايندو يا ڇٽل تير ڪمان ۾ نه موٽندو.
- Water run by will never turn a mile.

462. ڀتين کي به ڪَن ٿيندا آهن.
- Wall have ears.

463. رزم جو موت بزم.
- War is feast.

464. جتي ڪنڌ تتي ڪيوليون.
- Wasps haunt the honey pot.

465. دولتمند جي ڏيڍيءَ تي هرڪو مٿو ٽيڪيندو آهي.
- Wealth makes worship.
- What avails it me to draw one.

466. اڳيان کوه پٺيان کاهي يا هڪڙي مصيبت کان آجو ٿيو ته ٻيءَ ۾ ڪريو يا ٻاهر مان نڪتو پاڻيءَ ۾ ڪريو.
- Foot out of mire, and stick the other in.

